بسم الله الرحمٰن الرحيم

صلى الله على النبى الامى وآله

صلى الله عليه وسلم

صلاة وسلاما عليك

يارسول الله

# ساراهه سچي سرور ﷺ جي

(نعتيه ڪلام)

خيال ڪتري

ميلادِ مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم آرگنائيزيشن مٽياري

# ساراهہ سچي سرور ﷺ جي

## (نعتيہ ڪلام)

**خيال کتري**

**ميلادِ مصطفيٰ ﷺ آرگنائيزيشن متياري**

# حق ۾ واسطا قائم

## ڪتاب نمبر 07


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | | ساراهہ سچي سرور ﷺ جي |
| شاعر | : | ”خيال“ ڪتري |
| پروف ريڊر | : | سليم احمد ڪتري |
| ڇاپو | : | پهريون |
| سال | : | ذوالحج 1439هہ/ آگسٽ 2018ع |
| قيمت | : | 200/- روپيا |



رابطي لاءِ

ميلادِ مصطفيٰ ﷺ آرگنائيزيشن مٽياري

03040314270 / 03003093973

03063843431

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1 | ارپنا | 5 |
| 2 | پنهنجي پاران | 6 |
| 3 | تقريظ پير بهاءُ الدين "بها" سرهندي | 14 |
| 4 | ٻه اکر قاضي مقصود احمد | 15 |
| 5 | تقريظ فقير علي اکبر قادري | 20 |
| 6 | مدحت مصطفيٰ امين اڏيرائي | 25 |
| 7 | حمد: هر ڪنهن جو آڌار تون آهين | 27 |
| 8 | حمد: زمين آسمان جوڙي | 28 |
| 9 | تضمين | 29 |
| 10 | نعت: جان ۾ جان آ جان جهان جي ڪري | 30 |
| 11 | نعت: سهڻا خدا جا مصطفيٰ | 31 |
| 12 | نعت: ڪري ديدار داور جو دلدار آيو | 32 |
| 13 | نعت: حبيب خدا جو نظارو ٿئي شل | 33 |
| 14 | نعت: ڪير آهي تنهنجو نظير | 34 |
| 15 | نعت: پهچي ٿي مهڪ مصطفيٰ جتي جتي | 35 |
| 16 | نعت: درد جي آ دوا يار وٽ | 36 |
| 17 | نعت: انسانيت جي پرواز مصطفيٰ | 37 |
| 18 | نعت: محبوب مدني سان دلڙي لڳائي ڏس | 38 |
| 19 | نعت: مدني محبوب هيڪر | 39 |
| 20 | نعت: حبيبن سندو تون شان ڏس | 40 |
| 21 | نعت: خوشيون ملهايو مومنو | 41 |
| 22 | نعت: بي سهارا مسرور ٿيا | 42 |
| 23 | نعت: وڃن عاشق تا ڏسڻ مينار مديني جا | 43 |
| 24 | نعت: محمد مدني جون صفات اعليٰ | 44 |
| 25 | نعت: پروَر جا پيارا، امت جا سهارا | 45 |
| 26 | التجائي نعت: مديني مدني جا ڏسان ما نظارا | 46 |
| 27 | التجائي نعت: گهران ٿو دعا مان مديني وڃڻ جي | 47 |
| 28 | نعت: ڏس روبرو رب سان پيو ڪلام ڪري | 48 |
| 29 | نعت: سهڻن جو سيرت نگار خود خدا آهي | 49 |
| 30 | نعت: منهنجي چمن ۾ ٿي سرهاڻ آهي | 50 |
| 31 | نعت: نعرو آسان جو آ يار رسول الله | 51 |
| 32 | نعت: حبيب خدا جو ديدار ٿيندو | 52 |
| 33 | نعت: نور آيو هت خدا جو | 53 |
| 34 | نعت: مڪي ۾ آيو صادق امين مصطفيٰ | 54 |
| 35 | نعت: گڏجي مومنو ميلاد ملهايو | 55 |
| 36 | نعت: وڏي آ عنايت حبيب خدا جي | 56 |
| 37 | نعت: جيئڻ جو سڏو ڪُس قرارو ملي ويو | 57 |

| | | |
|---|---|---|
| 38 | نعت: شانُ تنهنجو مٺا | 58 |
| 39 | نعت: حضور جي اچڻ سان جهرمر جهان ٿيو | 59 |
| 40 | نعت: امن جو ڏنو پيغام جنهن اسان جو ا نبي | 60 |
| 41 | نعت: جتي ميلاد جي محفل مچي ٿي | 61 |
| 42 | نعت: بلند بالا نبي ايو | 62 |
| 43 | نعت: اسان تي يا رسول الله ڪئي بيحد عنايت ا | 63 |
| 44 | نعت: چوان ڇا شانَ مصطفيٰ جو | 64 |
| 45 | نعت: چنڊن ۾ ا چٽاڻ صدقي محمد جي | 65 |
| 46 | نعت: مختار نبي منهنجو ايو ا | 66 |
| 47 | نعت: ملي هٿ ۾ ڪو پيام هاڻي | 67 |
| 48 | نعت: لعاب دهن مصطفيٰ جو ڪمال عجب | 68 |
| 49 | نعت: دلين کي ٿو ٺاري | 69 |
| 50 | نعت: نہ محشر ۾ ڪوئي مون کي انتظار ٿيندو | 70 |
| 51 | نعت: دنيا جو محور مڪو بخت اهي مدينو | 71 |
| 52 | نعت: اسمان ڪان مٿي لامڪان پير ا | 72 |
| 53 | نعت: حبيب خدا مثل ڪو ٿيو نہ ٿيندو | 73 |
| 54 | نعت: جنگ ۾ پيار ۾ اباحت ڇا لئہ | 74 |
| 55 | نعت: دل ٿي چوي هلان مانِ | 75 |
| 56 | نعت: قد جَاءَ کم منَ اللهِ نور ايو | 76 |
| 57 | نعت: رهبر و رهنما يارسول الله | 77 |
| 58 | نعت: تعليم اخلاق جي جنهن ڏني ا | 78 |
| 59 | معراجيہ نعت: گهرائي مٿي لامڪان مجتبيٰ کي | 79 |
| 60 | نعت: انا اعطينک الکوثر | 80 |
| 61 | نعت: هر مکان ڪان مٿي لامکان مٿي | 81 |
| 62 | نعت: بلند شان تنهنجو سڀن ڪان سوايو | 82 |
| 63 | نعت: رحمت وسي خدا تي | 83 |
| 64 | نعت: مٽي بہ اهي شفا، دلبر جي ديس ۾ | 84 |
| 65 | نعت: مي عشق محمد جا، انوار عجيب اهن | 85 |
| 66 | نعت: محبوب جي صديق قران مليو ا | 86 |
| 67 | نعت: ڏسان مان مديني مٿي جا منارا | 87 |
| 68 | نعت: خيالن نہ خوابن، نہ هو ڪو گمان ۾ | 88 |
| 69 | نعت: سڄڻ تنهنجو سهڻو اهي سوا لک ۾ | 89 |
| 70 | نعت: لولاک لما خلقتُ الافلاک | 90 |
| 71 | نعت: مدينو مدينو سدا ساهہ ساري | 91 |
| 72 | پڑهہ صلواة سيد تي | 92 |
| 73 | مناجات: يا خدا! تنهنجون عطائون ٿيون گهرجن | 93 |
| 74 | مناجات: بندو بيڪار اهيان گندو گناهگار اهيان | 94 |
| 75 | دعا: ڪٿي هٿ دعا ٿو گهران يا خدايا | 95 |
| 76 | يا حبيب ڪبريا توتي صلواتون لک سلام | 96 |

# ارپنا

كائنات جي كارڻي
حبيبِ كبريا صلي الله عليہ وآلہ وسلم
جي نانءُ

# پنهنجي پاران

الحمد لله رب العالمين و الصلوٰة و السلام علىٰ رحمة للعالمين

سڀ ساراهون جهانن جي پالڻهار لاءِ ۽ بي انت درود ۽ سلام جهانن جي لاءِ رحمت بڻجي آيل، اڙين جي آڌار، غريبن جي غمخوار، مسڪينن جي مددگار، مرسلين جي مهندار، مڙن جي شفادار، باعثِ تخليقِ جنسار، محبوب ڪردگار حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم لاءِ، جنهن جي محبت ڇوٽڪاري جي ضمانت آهي.

اُن محبوب ڪريم رؤف رحيم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي صفت ۽ ساراهہ ڪائنات جي پالڻهار جل شانہ پاڻ عالمِ بشريت ڪي وجود ۾ آڻڻ کان اڳ، عالم ارواح ۾ ڪئي. رب پاڪ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ سهڻن جي ساراهہ انبياء ڪرام جي پاڪ ارواح جي محفل ۾ هن ريت ڪئي:

ترجمو: "اي حبيب توهان ياد ڪريو جڏهن الله تعاليٰ پيغمبرن کان وعدو ورتو تہ جنهن وقت آئون توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪريان، انهيءَ کان پوءِ توهان وٽ رسول عربي تشريف فرما ٿئي، جيڪو توهان جي ڪتابن جي تصديق ڪري تہ توهان ضرور ضرور انهيءَ تي ايمان آڻيو ۽ ضرور ضرور انهيءَ جي مدد ڪجو الله فرمايو ڇا توهان اقرار ڪيو ۽ انهيءَ تي منهنجي پڪي وعدي جو بار ڪنيو (رسولن) عرض ڪيو اسان اقرار ڪريون ٿا، الله فرمايو توهان هڪٻئي تي شاهد ٿيو ۽ آئون بہ توهان سان گڏ شاهد آهيان."

(سوره آل عمران : 81، بيان الرحمن في ترجمة القرآن ترجمو: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي)

جڏهن ربِ ڪائنات عالمِ بشريت وجود ۾ آڻي، انهيءَ ۾ هدايت جي سرچشمي نبوت کي جاري ڪيو تہ هر هڪ نبيءَ سڳوري ابوالبشر حضرت آدم عليہ السلام کان وٺي روح الله حضرت عيسيٰ عليہ السلام تائين، هر هڪ عالم ارواح واري ميثاق کي عالمِ ناسوت ۾ پنهنجي پنهنجي قوم ۾ ورجايو ۽ سهڻي رسول ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي دنيا ۾ تشريف آڻڻ لاءِ الله تعاليٰ کان دعائون بہ گهريون. جهڙيءَ ريت خليل الله حضرت ابراهيم عليہ السلام ڪعبة الله شريف جون پيڙهون کڻڻ کان پوءِ دعا گهري:

ترجمو: " اي اسان جا رب انهن ۾ رسول (ڪريم) موڪل، انهن مان جيڪو انهن کي قرآن ڪريم پڙهائي ۽ انهن کي پاڪ ڪري، بيشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين.

(سوره البقره : 129، بيان الرحمن في ترجمة القرآن ترجمو: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي)

انهيءَ قرآن ۾ صاحبِ قرآن جي شان عاليشان ۾ خالقِ قرآن هر هر ساراهہ ۾ آيتون نازل ڪري، عالمِ انسانيت کي هدايت ڪئي آهي، تہ محبوب ڪريم جهڙو ڪو بيو دنيا ۾ ٿيو آهي نہ ئي ڪو ٿيندو. ان جي نضيلتن کي کولي کولي بيان ڪيو وڃي ٿو تان تہ اوهان بہ ان هستيءَ جي ساراهہ ۽ توصيف بيان ڪريو. ڪجه آيتون قرآن مجيد فرقان حميد مان برڪت خاطر نقل ڪجن ٿيون.

ترجمو : بيشڪ توهان لاءِ رسول عربيءَ جي تابعداري ڪرڻ ۾ تمام گهڻي بهتري آهي.

(سوره احزاب:21، بيان الرحمن في ترجمة القرآن ترجمو: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي)

ترجمو : رسولِ عربي (دين ۽ دنيا جي سيني ڪمن ۾) مومنن کي سندن جان کان وڌيڪ حقدار ۽ قريب آهن.

(سوره احزاب:6، بيان الرحمن في ترجمة القرآن ترجمو: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي)

ترجمو : ۽ نہ موڪليو اسان توهان کي اي رسول عربي مگر سيني جهانن لاءِ رحمت ڪري

(سوره الانبياء: 107، بيان الرحمن في ترجمة القرآن ترجمو: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي)

ترجمو : اي سچا نبي ! بيشڪ اسان توهان کي شاهد ۽ مبارڪ ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ الله تعاليٰ ڏانهن سندس حڪم مطابق سڏيندڙ ۽ روشن سج ڪري موڪليو.

(سوره احزاب: 46، بيان الرحمن في ترجمة القرآن ترجمو: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي)

ترجمو : بيشڪ الله تعاليٰ ۽ الله جا فرشتا رسول عربي تي صلواتون ۽ سلام موڪلي رهيا آهن. اي مومنو توهان بہ پاڻ ڪريمن تي صلواتون ۽ سلام موڪليندا رهو.

(سوره احزاب: 56. بيان الرحمن في ترجمة القرآن ترجمو: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي)

ترجمو : اسان توهان جو ذڪر توهان لاءِ بلند ڪري ڇڏيو آهي.

(سوره الم نشرح : 4. بيان الرحمن في ترجمة القرآن ترجمو: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي)

وَرَفَعنَا لَکَ ذِکرَکَ جي تفسير ۾ امام جلال الدين سيوطي عليہ رحمہ تفسير در منثور ۾ نقل ڪيو آهي تہ "امام ابن عساڪر عليہ رحمة الله عليہ حضرت حسن رضي الله عنہ جو " وَرَفَعنَا لَکَ ذِکرَکَ " تحت هي قول بيان ڪيو آهي تہ ڇا اوهين ڏسو نہ ٿا تہ جتي الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو ان سان گڏ ان جي نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم جو بہ ذڪر ڪيو ويندو آهي. امام بيهقي رضي الله عنہ سنن ۾ حضرت حسن رضي الله کان بيان ڪيو آهي، جنهن جو مفهوم آهي تہ جڏهن الله تعاليٰ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي تہ ان سان گڏ رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم جو بہ ذڪر ڪيو ويندو آهي.

( تفسير در منثور : علامہ جلال الدين سيوطي عليہ رحمہ ج:6 ص 1030)

نبي ڪريم رؤف رحيم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي ساراهہ نثر توڙي نظم ۾ تمام گهڻي ڪئي وئي آهي. شاعريءَ جي تقريبًا هر صنف ۾ محبوب ڪريمن جو ذڪر خير ملي ٿو جنهن کي نعتيہ ڪلام چيو ويندو آهي. نعت جو لفظ خالص حضور پُر نور صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي شان ۾ چيل نظم لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جنهن جي شروعات پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي دنيا ۾ تشريف آوريءَ سان ئي تي چڪي هئي، جهڙيءَ ريت سندن ڏاڏي مبارڪ حضرت عبدالمطلب رضي الله ڪين هنجهہ ۾ کڻي هيءَ پياري رباعي پڙهي:

الحمد لله الذی اعطانی هذا الغلام الطیب الاردانی
قد ساد فی المهد علی الغلمان اعیذه بالبیت ذی الارکان

ترجمو : الله پاڪ جو شڪر آهي جنهن مون کي هي پاڪ صاف سهڻو سردار پٽ عطا ڪيو آهي. هيءُ هنجهہ ۾ ئي ٻارڙن مٿا سردار ٿي ويو آهي. آئون هن کي ٿنبن واري بيت الله ۾ پناه ڏيان ٿو.

(المورد الروي في مولد النبي رسائل ميلاد ص 328 علامہ ملا علي قاري عليہ رحمہ)

حضور اڪرم نور مجسم صلي الله عليہ و آلہ وسلم کي ننڍپڻ ۾ حضرت بيبي حليمہ سعديہ رضي الله عنها شعر پڙهي راند رهائيندي هئي. جنهن جو ذڪر علامہ ملا علي قاري پنهنجي ڪتاب المورد الروي في مولد النبي ۾ ابو عبدالله محمد بن علي ازدي جي ڪتاب الترقيص جي حوالي سان آندو آهي. اهي شعر هن ريت آهن:

يا رب اذا اعطيته فابقه واعله الی العلا وارقه
وادحض اباطيل العدی بحقه وزدت بحقه بحقه بحقه

ترجمو : اي رب ! جڏهن تو مون کي هي ٻار ڏنو آهي، تہ ان کي سلامت رکجان، ان کي بلند مرتبو ۽ ترقي عطا فرمائجان ۽ باطل ويري ريتن رسمن کي جن جي حق واسطي سان ختم ڪجان. ۽ آئون ان ۾ واڌارو ڪريان ٿي تہ هن حق جي صدقي سان، هن جي حق جي صدقي سان، هن جي حق جي صدقي سان.

(المورد الروي في مولد النبي رسائل ميلاد ص 345, علامہ ملا علي قاري عليہ رحمہ)

نبوت جي اعلان کان پوءِ سڀ کان پهرين نعت حضرت ابو طالب بن عبدالمطلب رضي الله عنہ جن جي ملي ٿي، جنهن کانپوءِ خلفاءِ راشدين، اصحابن سڳورن، تابعين، تبع تابعين کان ٿيندي، عجم تائين پهتي. انهن مان چند جو ذڪر مختصرًا پيش ڪجي ٿو.

جڏهن مڪي جي مشرڪن حضرت ابو طالب رضي الله عنہ تي زور ڀريو تہ پاڻ ڪريمن رؤف رحيمن صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي پاڻهن

سندن حوالي ڪن، تہ پاڻ انهن کي ائين ڪرڻ کان جواب ڏنو ۽ فرطِ محبت ۾ هي شعر پڙهيا:

وَاللهِ لَنْ يَصِلُوْا اِلَيكَ بِجَمْعِهِمْ حَتّٰى اُوَسَّدَ فِي التُّرَابِ دَفِيْنَا

(الله جو قسم! هي سڀ پاڻ ۾ گڏجي بہ اوهان تائين پهچي نہ ٿا سگهن، جيستائين مون کي مٽيءَ ۾ دفن نہ ڪيو وڃي)

وَاَبِيضُ يُستَسقَى الغَمَامُ بِوَجهِهٖ ثِمَالُ الْيَتَامٰى وَعِصْمَةٌ لِلاَرَامِلِ

منهنجو ڀائيٽو ڳوري رنگ وارو آهي، جنهن جي منهن (مبارڪ) جي برڪت سان مينهن طلب ڪيو ويندو آهي. هو يتيمن جو يار ۽ بيواهن جي عزت جو محافظ آهي

(السيرة النبويہ ابن هشام جلد اول ص 271 ۽ 274 مترجم مولوي قطب الدين احمد صاحب محمودي)

امر المؤمنين حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله عنها

مَتٰى يَبْدُو فِي اللَّيلِ الْبَهِيْمِ جَبِيْنُهٗ يَلَحْ مِثْلَ مِصْبَاحِ الدُّجٰى الْمُتَوَقِّدِ

(اونداهي رات ۾ سندن پيشاني ائين نظر ايندي آهي، ڄڻ تہ روشن ڏيئو.)

فَمَنْ كَانَ اَوْ مَنْ قَدْ يَكُوْنُ كَاَحْمَدَ نِظَامُ لِّحَقٍّ اَوْ نَكَالُ لِّمُلْحِدِ

(احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم جهڙو ڪير ٿيو نہ ٿيندو. حق جو نظام قائم ڪرڻ وارو ۽ ملحدن کي عبرت جو نشان بنائڻ وارو)

(نعت گوئي اور اس ڪي آداب ص 227 از پروفيسر عبدالله شاهين)

سيده ڪائنات حضرت بيبي فاطمة الزهرا سلام الله عليها

مَاذَا عَلٰى مَنْ شَمَّ تُرْبَةَ اَحْمَدٍ اَلَّا يَشُمَّ مَدَى الزَّمَانِ غَوَالِيَا

(جنهن احمد مجتبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم جي تربت کي سونگهي ورتو تہ ان ۾ ڪو بہ حرج ڪونهي، جيڪڏهن هو سڄي عمر ڪا بہ سرهاڻ نہ سونگهي.

صُبَّتْ عَلَيَّ مَصَائِبُ لَوْ اَنَّهَا صُبَّتْ عَلَى الْاَيَّامِ عُدْنَ لَيَالِيَا

(اوهان جي فراق ۾ مون تي اهي مصيبتون آيون آهن، جيڪر اهي ڏينهن تي پوَن تہ اهي راتون ٿي وڃن)

(نعت گوئي اور اس ڪي آداب ص 228 از پروفيسر عبدالله شاهين)

امير المؤمنين حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه

بِما رايت نبينا متجند لاضافت علي برضهن الدور

(جڏهن مون پنهنجي نبيءَ کي وفات ڪيل ڏٺو ته ڪشادن گهرن هوندي به مون کي سوڙ ٿي.

(نعتيه روايت اور هندوستان ۾ اردو نعت گوئي ص 41)

امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه

فَاَمسٰی رَسُولُ اللهِ قَدِ عَزَّزَ نَصرُهُ وَاَمسٰی عِدَاوَهُ مِن قَتِيلٍ وَ شَادِمِ

(پوءِ رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم کي الله تعاليٰ عزت پري سوڀ عطا ڪئي ۽ ان جا دشمن قتل ٿيا)

(نعت گوئي اور اس ڪي آداب ص 231 از پروفيسر عبدالله شاهين)

امير المؤمنين حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله عنه

فيَا عَينِي ابکی وَلَا تَسامِي وَحُقَّ البُکَاءُ عَلَی السَّيِّدِ

(اي منهنجي اک تون ڳوڙها ڳاڙ ۽ نه ٿڪ پنهنجي سردار تي هنجون هارڻ ته لازم تي چڪو آهي)

(نعت گوئي اور اس ڪي آداب ص 232 از پروفيسر عبدالله شاهين)

امير المؤمنين حضرت سيدنا علي المرتضيٰ ڪرم الله وجهه

فامسٰی رسول الله قد عزنصره وکان رسول الله ارسل بالعدل

(رسول الله صلي الله عليه و آله وسلم جي تائيد ۽ نصرت وڌي وئي ۽ پاڻ عدل وانصاف سان گڏ مبعوث ڪيا ويا)

فجاء بفرقان من اله منزل مبينه آياته لذی العقل

(پاڻ الله جي طرفان نازل ڪيل فرقان ساڻ آيا، جنهن جون آيتون عقل وارن لاءِ واضح ۽ روشن آهن)

فآمن اقوام بذالك ايقنوا فامسوا بحمدالله مجتمعی الشمل

(ته ان جي مڃان گهڻن ماڻهن ايمان آندو ۽ يقين ڪيو جنهن ڪري اهي الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان مربوط ۽ منظم ٿي ويا)

وانکر اقوام نزاغت قلوبهم فزادهم ذوالعرش خبلا على خبل

# تقريظ

منهنجو پهرين تہ بشير احمد ”خيال“ ڪتري سان ڪو خاص تعلق يا واسطو نہ آهي. مگر Facebook تي سندس حمد ۽ نعت پڙهڻ جو اتفاق ٿيندو رهيو آهي. محسوس اهو ٿيندو هو تہ همراهہ کي شاعريءَ جي طور طريقي جي ڄاڻ ضرور آهي. خير جڏهن سندس شاعري پڙهندو ويس تہ يقين ٿيو تہ پاڻ حمد ۽ نعت جو تمام سُٺو شاعر آهي. منهنجي ساڻس ملاقات خاص طرح سان تہ ڪڏهن ڪونہ ٿي هئي مگر جڏهن هن ڪتاب جي سلسلي ۾ هُو مون وٽ لنگهي آيو ۽ بہ اکر لکڻ جي تمنا ڏيکاري تہ ڪجهہ وقت شاعريءَ جي اصول ۽ عروض تي بہ گفتگو ٿي جنهن مان محسوس ٿيو تہ پاڻ ڪافي معلومات رکندڙ آهي. سندس شاعريءَ جي ڪاپي مون کي ملي جيڪا پڙهڻ شروع ڪيم تہ وڌيڪ سندس شاعريءَ جي خوبين کان واقفيت ٿي. ٿورن لفظن ۾ اهو چوندس تہ بشير احمد ”خيال“ تمام پلو شاعر آهي هي سندس پهرين ڪوشش آهي. اميد تہ اڳتي هلي سندس شاعريءَ ۾ ڪافي نکار ايندو ويندو.

سندس شاعريءَ ۾ روحانيت جو وڏو اثر معلوم ٿئي ٿو. منهنجو خيال آهي تہ اڳتي هلي بشير احمد شاعريءَ ۾ پنهنجو نالو وڌائيندو. ڪيس (مجازي) شاعري طرف بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ ان سان سندس اندر جو لڪل شاعر وڌيڪ نمايان ٿيندو ۽ ماڻهن کي سٺو شعر ٻُڌڻ جو موقعو پڻ ملندو. آئون کيس مبارڪ ڏيان ٿو. ۽ اميد ڪيان ٿو تہ اهو سلسلو هوا جان بہ اڳتي وڌائيندو ۽ پنهنجا سُهڻا شعر ادبي دنيا کي ارپيندو.

آئون آخر ۾ سندس نعت جو هي شعر لکندس:

هر مرض جي شفا آ، جِت درد جي دوا آ
محبوب کان سوا ٻيو ڪو غم گسار ڪونهي

خير انديش
پير ”بها“ سرهندي
مٽياري

# ٻہ اکر

عشق کانسواءِ عام رومانوي شاعري ڪرڻ ٿي ممڪن ڪانهي، جنهن ۾ محبوب جي جسماني ساخت ۽ طور اطوار جي سمورن پهلوئن کي ايڏي تہ ڪاريگري ۽ نزاڪت سان بيان ڪيو ويندو آهي جو ان جي پوري شبيهہ ٻڌندڙ يا پڙهندڙ جي سامهون ٺهي اچي سگهڻ ممڪن ٿي ويندي آهي ۽ هو سندس طبعي خواصن جون جهلڪون بہ محسوس ڪري سگهندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ هڪڙي اهڙي هستيءَ جي باري ۾ قلم کڻڻ کيڏو نہ ڏکيو ڪم هوندو. جيڪا هن ڪائنات جي موجزن ٿيڻ جو ڪارڻ بڻي آهي ۽ جنهن جي ساراهہ خود ڪائنات جي خلقڻهار ڪئي آهي. پيو تہ نهيو لا الہ الا الله. محمد رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ يَاَ يُهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا صَلُّوۡا عَلَيۡهِ وَسَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا (سوره احزاب: 56) چئي اسان کي سرور ڪائنات صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي وجود اطهر جو بار بار ذڪر ڪرڻ جو پابند ڪيو ويو آهي. ان جو لازمي نتيجو اهو نڪري ٿو تہ اسان رسول پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم سان حب جو ڀرين زباني اقرار ڪريون. پوءِ سندن ذات گرامي ڏانهن محبت ڀريو لاڙو رکون ۽ پنهنجي ان رجحان ۾ ايترو اڳتي وڌي وڃون جو الله توفيق عطا ڪري تہ ثنائيءَ جي ان سڀ کان سهڻي شاهڪار جو اندر جي اکين سان ديدار ڪري سگهون.

ان لحاظ کان ظاهري طور تي سولو نظر ايندڙ نعت گوئيءَ جو ڪم، رڳو ڪنهن صنف جو نالو نہ آهي، بلڪہ اهو نالو آهي هڪ اهڙي آڳ جو جنهن جا مشتاق، واقعي بہ پروانا هوندا آهن. جيئن لطيف سائينءَ فرمايو آهي تہ:

پتنگ چائين پاڻ کي تہ پسي مچ مَ موٽ،
گهڙ تہ ٿئين گهوٽ، آڳ نہ ڏجي عام کي.

سو اها عشق رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي آڳ آهي، جيڪا عاشقن جي لاءِ گذارِ ابراهيمي بڻجي ويندي آهي ۽ شاعر پنهنجي حب ۽ عقيدت ۾ جيترو راسخ ٿيندو ويندو آهي، اوترو ئي سندس شاعري

جماليات جي ڪمال کي ڇهڻ لڳندي آهي ۽ لفظن تي اها قدرت شاعر جي ميراث نہ هوندي آهي، بلڪ الله جي ڏنل ذات هوندي آهي. جيئن مشهور واقعو آهي تہ شيخ سعديؒ. رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي شان ۾ رباعيءَ جون ٽي سٽون لکيون ۽ چوٿين سٽ لکڻ کان قاصر ٿي ويو. نيٺ هڪڙي پيري حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم سندس خواب ۾ اچي پڇيو تہ اي سعدي جيڪي ٽي مصرعون لکيون اٿئي، اهي تہ ٻڌاءِ. تنهن تي پاڻ بيان ڪيائين، جيڪي هن ريت آهن:

بلغ العليٰ بکمالہ

کشف الدجيٰ بجمالہ

حسنت جميع خصالہ

تنهن تي چوٿين مصرع خود رسول پاڪ صلي الله عليہ وآلہ وسلم ٻڌائي، جيڪا هن ريت آهي:

صلو عليہ وآلہ

اهڙيءَ طرح هيءَ رباعي مڪمل ٿي وئي. سادا نظر ايندڙ هي مختصر لفظ ۽ ننڍڙيون مصرعون رسول اطهر صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي زندگيءَ جو نهايت جامع خاڪو پيش ڪندي نظر اچي رهيون آهن ۽ عالمن جو چوڻ آهي تہ هيءَ رباعي نعتيہ ڪلام جو دنگ آهي.

نعتيہ ڪلام، جنهن جي شروعات عربي شاعريءَ ۾ اصحابيءِ رسول حضرت حسان بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنہ کان ٿي هئي، جيڪو بزرگ، رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي شان ۾ ڪلام ٺاهي مسجد نبوي ۾ اصحابي سڳورن جي ميڙ ۾ پيش ڪندو هو. هن قسم جو ڪلام هن وقت دنيا جي هر ان ٻوليءَ ۾ موجود آهي، جيڪا مسلمان ڳالهائيندا آهن. اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ نعتيہ ڪلام جو اعليٰ ذخيرو نظم جي مختلف صنفن جي صورت ۾ سهيڙيل آهي. جهڙوڪ: مولود، مدح، نعت، وينديءَ بيتن ۽ چوسٽن جي صورت ۾ بہ نعتيہ ڪلام جا اعليٰ نمونا پيش ڪيل آهن. هن عنوان تي ڪافي تحقيقي مضمون لکيل آهن. تنهن ڪري قصو مختصر ڪندي اهو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿيندو تہ هن نعتيہ مجموعي جو تخليقڪار سائين بشير احمد "خيال" ڪتري ۽ آئون ساڳئي شهر ۾ رهون ٿا ۽ شهر بہ ايڏو وڏو ڪونهي. ان ڪري هوش سنڀالڻ واري عمر کان سائين

بشير کتريءَ سان واسطو آهي. پاڻ مطالعي سان چاهه رکندڙ ۽ بردبار طبيعت جو مالڪ آهي ۽ پاڻ متياريءَ جي تاريخي شاهه لطيف لائبريري جو اوائلي ميمبر ۽ بعد ۾ 90 واري ڏهاڪي ۾ ان جي آرگنائيزنگ ڪميٽي ۾ پڻ شامل رهيو آهي. پاڻ استاد آهي ۽ هن وقت گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول متياري جو هيڊ ماستر آهي. سال 2008ع ۾ پنهنجن دوستن سان گڏ ميلاد مصطفيٰ آرگنائيزيشن جوڙڻ ۾ ڪردار ادا ڪيائين. جنهن جو بنيادي ڪم نعت خوانيءَ جا پروگرام منعقد ڪرائڻ کان علاوه اسلامي تاريخ ۽ مسلمان شخصيتن جي باري ۾ ٻارڙن ۾ سوالن جوابن ۽ تقريرن جا مقابلا ڪرائي انهن کي ننڍپڻ کان ئي پنهنجي مذهب جي مطالعي ڏانهن مائل ڪرڻ رهيو آهي. ان دوران هن پنهنجا مرتب ڪيل ڪجهه ڪتاب به پڌرا ڪيا. جن ۾ ذڪرِ پاڪ شاهه لولاڪ (2011)، مولا علي ڪرم الله وجهه (سوال جواب) 2014)، حضرت سيدنا عثمان غني رضه (2016)، سيد صديق اڪبر (سوال جواب) (2017) شامل آهن. جڏهن ته ميلاد مصطفيٰ آرگنائيزيشن پاران "احد احمد پاڻ ۾" جي نالي سان ٽي رسالا به نڪري چڪا آهن ۽ اهو سلسلو اڃان جاري آهي. هن عرصي دوران خود سائينءَ جي طبيعت ۾ به فرق ايندي محسوس ٿيو. هڪڙي ڏينهن اوچتو فيس بوڪ تي ڪا نعت پڙهڻ لاءِ ٽيگ ڪئي وئي. ان ۾ وزن جون هيٺايون مٿايون محسوس ٿيون، پر جيئن جيئن اهو سلسلو اڳتي هلندو ويو تيئن تيئن شيون پڪيون پختيون ٿينديون ويون ۽ اهو عمل ايتري ٿوري عرصي ۾ ٿي گذري جو ان جي پويان محبت ۽ عقيدت جي جذبي جي عمل دخل کي نظرانداز ڪري نه ٿو سگهجي. هن مجموعي ۾ سندس لکيل اُهي سموريون حمدون ۽ نعتون شامل آهن. پڙهندڙ انهن مان شاعريءَ جي سکيا جي ارتقائي عمل جو اندازو ڪري سگهن ٿا. اڃان به جي اهي تاريخ وار ترتيب سان رکيل هجن ها ته سمجهڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿئي ها. آئون هتي ارتقائي مرحلي مان اڳتي وڌي هڪ لائق نعت گو شاعر ٿيڻ جي مثال طور سان ڪن نعتن جي نشاندهي ٿو ڪريان. جهڙوڪ:

درد جي آ دوا يار وٽ.
زندگي خوش سدا يار وٽ.

❀❀❀❀

مديني مٺي جا ڏسان مان نظارا.
سوا تن ڏسڻ جي ڏکيا هن گذارا

❋❋❋❋

گهران تو دعا مان مديني وڃڻ جي
ملي ڪا چٺي مون سفيني چڙهڻ جي

❋❋❋❋

جيئڻ جو سڏو گس قرارو ملي ويو
اسان کي سجڻ جو سهارو ملي ويو

❋❋❋❋

شانُ تنهنجو مٺا، سرس سڀ کان جدا
ڪير ڄاڻي سگهي تو سوا هڪ خدا

❋❋❋❋

بلند بالا نبي آيو مڪي ۾ تي ولادت آ
مديني جو ڏٺي آيو ڪئي مولا عنايت آ

❋❋❋❋

دلين کي تو ناري، محمد ﷺ جو نالو
مٺل تو جياري، محمد ﷺ جو نالو

❋❋❋❋

آسمان کان مٿي لامڪان پير آ
مصطفيٰ کان مٿي شان ۾ ڪير آ

❋❋❋❋

حبيبِ خدا مٺل کو تيو نہ تيندو
نبي پاڪ جهڙو نہ آيو نہ ايندو

❋❋❋❋

دل تي چوي هلان مان، دلدار جي وطن ڏي
هر درد جي دوا آ، سردار جي وطن ڏي

اهڙيون کوڙ ساريون نعتون آهن جن ۾ هڪ طرف سيرت نبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي مختلف پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو آهي، ٻئي پاسي رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ڏنل تعليم کي شاعريءَ جي زبان ۾

عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مون کي اميد آهي تہ هيءُ نعتيہ مجموعو هر خاص و عام جي دل تي اثر ڪندڙ ثابت ٿيندو ۽ هن مجموعي کي پذيرائي ملندي ۽ الله تعاليٰ، سائين بشير احمد ڪتري صاحب کي بہ ان جو اجر ڏيندو. لطيف سائينءَ جي هن بيت وانگر تہ:

محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهائيو.

سائين "خيال" ڪتريءَ قرب ڪري مون کي هن مجموعي تي بہ اکر لکڻ جو شرف بخشيو آهي. پر علم گونان گون آهي ۽ ماڻهوءَ جي علم جو دائرو محدود آهي. هن قسم جي موضوعن تي لکڻ مهل اتفاقي غلطي بہ دل تي چير ڪري سگهي ٿي. توقع ٿو ڪريان تہ هن ڪتاب تي بہ اکر لکڻ مهل الله پاڪ مون کي اهڙين غلطين کان آجو رکيو هوندو.

احقر
مقصود احمد قاضي
مٽياري
10 نومبر 2017ع

# تقريظ

حبيبِ خدا مثل ڪو ٽيو نہ ٿيندو
نبي پاڪ جھڙو نہ آيو نہ ايندو

هي مٿيون نعتيہ سِٽون سيڙهيندڙ سائين بشير احمد ”خيال“ ڪتري جيڪو هڪ سُٺن خيالن واري شاعر ۽ هڪ سٺي استاد هئڻ سان گڏ سٺن گفتن وارو هڪ سٺو انسان پڻ آهي. جنهن وٽ مون انسانيت لاءِ اُتساهہ محبت ۽ خير خواهي ڏٺي آهي سٺا خيال ڏٺا آهن. هميشہ ڀلائيءَ لاءِ سوچيندڙ ۽ مرڪي ملندڙ سائين بشير احمد صاحب سان منهنجي جڏهن کان ملاقات ٿي آهي مون کيس محبت سان ڀريل دين سان لڳاءُ ۽ عشقِ رسول ﷺ ۾ اڳيرو ڏٺو آهي. ”ميلادِ مُصطفيٰ آرگنائيزيشن مٽياري“ جي اعليٰ ڪارڪردگي سندس محنت جو چٽو مثال آهي ۽ ”احد احمد پاڻ ۾“ رسالو ڪامياب منزل طرف وڌڻ جو ثبوت آهي. هميشہ اسڪول جي حوالي سان مختلف موضوعن تي سوال جوابن بابت ننڍڙا ڪتاب سيڙهيندو رهندو آهي. (ساراهہ سچي سرور جي) هي ڪتاب جيڪو سندس لکيل نعتيہ ڪلامن تي مشتمل آهي. جنهن تي لکڻ لاءِ پاڻ حڪم فرمايائون آئون ادنيٰ فقير ۽ هڪ ننڍڙو شاعر گهٽ ڄاڻ سبب شاعريءَ جي گهاڙيٽي يا ماپ تور تي تہ لکڻ کان ڪاسر آهيان پر البتہ سائين جي تخلص ”خيال“ جي خيالي تي پنهنجي خيالن جو اظهار پاڻ لاءِ باعثِ برڪت ٿو سمجهان.

نعت لکڻ جي ذات الله ڪريم جل جلالہٗ جي خاص عنايت آهي پر هتي ادب جو وڏو خيال رکيو ويندو آهي ان ڪري نعت شريف لکڻ هر هڪ جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. وڏي..... سوچ وارو عمل آهي الله ڪريم شال اسان کي فحش، ڪوڙ، لغويات کان بچائي پنهنجي حمد پنهنجي محبوب ﷺ جي نعت پنهنجي پيارن جو منقبتون ۽ قوم جي اصلاح ۽ حق سچ واري شاعري لکڻ جي توفيق عطا فرمائي هڪ شاعر تي فرض آهي تہ اهڙو لکي جيڪو انسانيت لاءِ هڪ پيغام هجي پيغام بہ اهڙو جنهن ۾ قومن جي اصلاح ڀلائي ۽ سماج جو سڌارو هجي نہ ڪي خالي محفلن ۾ وهہ واهہ تائين محدود هُجي.

اچو تہ ٿورو خيال ڪتري جي خيال جي اپٽار ڪريون. خيال سائين هر درد جي دوا پنھنجي حقيقي يار وٽ لھڻ جو چوي ٿو

درد جي آ دوا يار وٽ
زندگي خوش سدا يار وٽ

خيال جو خيال ڪيڏو نہ اونھو ۽ گھرو آهي يقينن هر درد جي دوا يار وٽ ئي آهي ۽ زندگي اُها ئي خوشين واري آهي سڀاڳي آهي جيڪا يار وٽ گذري يا يار جي پچار ۾ گُذري جيئن شاهہ سائين فرمايو آهي تہ

يار هو پاڙي پرين جي يا ڪر پرين جي پچار
اُنھن ٻنھي ڳالھين ڌار، ڪا ڪم بخت ڪام ٿئي

خيال ڪتري بہ عشق واري انھيءَ تار سان ڳنڍيل ٿو لڳي تڏهن تہ محبت اندر مان آواز ٿي ڏي

جسم ۽ روح آ يار وٽ
ابتدا ۽ انتها يار وٽ

يقينن عشق وارا پنھنجي ابتدا انتها پنھنجي يار وٽان چاهيندا آهن. ڇو جو اُهو ئي سندن زندگيءَ جو مقصود هوندو آهي. محبوب صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي شهر مديني لاءِ دل تڙپي ٿي آواز ڇپن تي اچي ٿو اهو مدينو جتي محبت جمي آهي اتي ئي نپجي ٿي جيڪو عشق وارن لاءِ علاج آهي جتي دردوندن جي دوا آهي. جيڪو محبت جو مرڪز آهي اهو مدينو!

وڻن تازگي تا جتي روح زخمي
وسن رحمتن جا جتي يار نارا
پلائي خدا مون تي اهڙي ڪري
ڏيان پاڪ روضي جا آئون ٻهارا
مديني مٺي جا ڏسان مان نظارا

پنھنجي آل عيال ٻچن سان گڏجي مديني وڃڻ جي آس اُپري ٿي. ٻچن ساڻ آئون گھمان شل مدينو. پيو ٿو جيئان مان ڏيئا آس ٻاري مديني ڏي منھنجي خدا واڳ واري دل جي حسرت ڇپن تي تري تي اچي آرزو بيان ٿي ڪجي

دل تي چوي هَلان مان، دلدار جي وطن ڏي
هر درد جي دوا آ، سردار جي وطن ڏي

زندگيءَ جو گهڻو حصو پري جدائيءَ ۾ گذاري ويو محبوب باقي جي ڏينهن بچيا آهن ڪرم ڪر پنهنجي پيراندي ۽ حضور ۾ نصيب ڪر

رهان پيراندي حضور حاضر
حياتيءَ جا سڀ ايام هاڻي

حبيبن جي در جي غلامي يقينن ٻنهي جهانن جي بادشاهي آهي خيال سائين انهيءَ ڪي سين چاهتن خواهشن کان مٿي ٿو سمجهي

غلامي حبيبن جي "ڪتري" ملي آ
نه چاهت رهي ڪا، گذارو ملي ويو
جيئڻ جو سڌو گس قرارو ملي ويو
اسان کي سڄڻ جو سهارو ملي ويو

بيشڪ سڄڻ سهڻي جو سهارو ملي ويو پوءِ ڪنهن به لات جي پرواهه ناهي ۽ يقينن ٻنهي جهانن جو سهارو سيد المرسلين صلي الله عليه وآله وسلم ئي ته آهي ديدار جي گهر ڪري ٿو ۽ ڪيس پڪو يقين آهي

حبيبِ خدا جو ديدار ٿيندو
سڪيو پوءِ منهنجو سنسار ٿيندو

عشق وارن کي ته يار جي ديدار کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جي گهرج ئي ڪونهي. هو ته هر ويل يار سامهون گهرن ٿا ديدار ٿيندو ته پوءِ قرارر ملندو

عاشق ڏسڻ گهرن ٿا محبوب جو لقا بس
محبوب کان سواءِ ڪنهن کي قرار ڪونهي

اسان کي سنو ڏس ٿو ۽ يقين ٿو ڏياري مايوسيءَ مان ڪڍي رحمت طرف ٿو سڏي

ڪريو توبه وٺو معافي، مٺو محبوب ويٺو آ
ٿئي مايوس ڇو عاصي، محمد ﷺ جي شفاعت آ

شفيءَ جي شفا جي هر هر ياد پيو ڏياري جيڪو سين کان وڌو وفادار آهہ

سچو در دعا جو اُهو ئي تہ آهي
سوا مصطفيٰ کو وفادار ناهي
پڪي آ شفاعت حبيبِ خدا جي

پنهنجي آس پڪي اٿس، پريت کي پُڪاري ٿو. ان يقين سان

حبيب خدا ٿي چپر مون مٿان
آس وندو رهي چو "کتري" سدا

حشر ۾ بہ پوري يقين اٿس تہ شافع شفادار جي شفا ملندي

غم درد تيندا سڀ کافور کتري
شافع قيامت ۾ جي ساڻ آهي

مون جهڙن گناهگارن کي بہ پڪو دلاسو ڏنو اٿس يقين سان چوي پيو

حشر ويل هوندا پريشان سارا
قيامت ۾ ساري سين کي سڏيندو
وڏي آسري ۾ گناهگار آهن
نہ "کتري" کڏهن غم زرن کي ڇڏيندو

حبيبِ خدا ﷺ جي محبت اصل ايمان آهي. سائين ان حقيقت کي بيان پيو ڪري

مُصطفيٰ جي حُب ايمان آ
جان پنهنجي آبي ۽ آمان کان مٿي

تڏهن تہ اصحاب ڪرام رضوان الله اجمعين جڏهن آقا ڪريم ﷺ سان مخاطب ٿي ڪجھ فرمائيندا تہ "لبيڪ يا رسول الله فداڪ ابي و امي و روحي يا رسول الله چوندا هئا "يا رسول الله اوهان تان اسين اسان جوامان ابو قربان"

درود شريف پڙهڻ لاءِ تبليغ بہ سندن شاعريءَ ۾ موجود آهي.

پڙهڻ جيڪي حبيبن تي، سچي دل سان درودن کي

حضوريءَ ۾ تيا حاضر، مِلي تن کي زيارت آ

عاشق آقا ڪريم ﷺ جو اسم مبارڪ ٻُڌي ٺري پوندا آهن ان جو اظهار هو ”قُرة عيني بڪ يا رسول الله“ چئي اڱوٺا چمي اکين تي رکندا آهن. بيشڪ نوريءَ نبي ﷺ جو نوري اسم دليون ٺاري ٿو جنهن مبارڪ اسم جي صدقي هي جهان روشن آهي.

دلين کي ٿو ٺاري محمد ﷺ جو نالو
مُئل ٿو جياري محمد ﷺ جو نالو

نعت: رسول الله جي پرچار جو هڪ سهڻو ذريعو آهي. آقا ڪريم جي هر ادا سان عشق نروار ٿئي ٿو. هتي بہ حبيبن جي حُسن، سُخن، لُعاب دهن، سهڻي گفتار اعليٰ ڪردار ۽ پيار انوار اعليٰ ادائن نوري نگاهن، مُحبت، شفقت، رفعت سچڻ جي سينگارن مديني جي مينارن هجري حرم جي انوارن، نوري نظارن موهيندڙ مهڪ ڪُليل خوشبوءِ جي هر هُبڪار هن ڪتاب ۾ لکيل نعتن ۾ عيان آهي، يقينن پڙهندڙ هن مان اُها خوشبوءِ حاصل ڪندا.

هن فقير جي دعا آهي تہ رب العزت جل جلالة سائين بشير احمد ”خيال“ ڪتري جي خيالن کي اجان وڌي اُونچائي عطا فرمائي ۽ عشقِ رسول ﷺ سان سرشار رکي ڪين عشقِ رسول ﷺ واري خصوصي عمر عطا فرماءِ شال هن تبليغ ۽ عشق واري اپنار جي تبليغ کي جاري ساري رکيو اچن. سندن ئي دعا ئي همت شعر سان دعا:

ڏني زندگي جا ڪريو سُرخرو سا
لهن دل مٿان داغ ڪارا خدايا

دعاگو
فقير علي اڪبر قادري
مٽياري
04_11_2017

# مدحتِ مصطفيٰ ﷺ

شاعريءَ ۾ نعت گوئيءَ جي فن جي هڪ الڳ سڃاڻپ ۽ اهميت رهي آهي ۽ ڪيترن ئي سنڌي نعت گو شاعرن جا نعتيه مجموعا پڻ ڇپجي چڪا آهن. نعت گوئي ڪن شاعرن لاءِ آسان ۽ ڪن شاعرن لاءِ مشڪل فن آهي جيئن آئون هڪ نعت کي لکڻ لاءِ هزار ڀيرا سوچيندو آهيان ته ڪٿي ڪا لفظن جي ڪمي نه رهجي وڃي پر انهيءَ جي ٻئي رُخ ڏانهن ڏسجي ته ڪي شاعر يا ڪن شاعرن جو ته لاڙو ئي نعت گوئي طرف هوندو آهي. بس انهن جي اندر جي محبت لفظن جو روپ وٺي ڪاغذ تي حمد يا نعت يا منقبت بڻجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي ٿي. هي بابرڪت تحريرون آهن ۽ انهن جي لکڻ جي طفيل عزت ۽ احترام ۾ پڻ برڪت پوندي آهي.

اسان جو پراڻو ماستر دوست بشير احمد جيڪو اڳتي هلي فيس بُڪ تي خيال ڪتريءَ جي نالي سان سامهون آيو ته حيرت تي ڇاڪاڻ ته هڪ طويل عرصي جي واسطي ۾ ڪڏهن هن اهو احساس ئي نه ڏنو ته کيس ڪو شعر و شاعريءَ سان به شغف آهي.

خيال ڪتري جو هي ڪتاب "ساراهه سچي سرور جي" سندس محبتن، عقيدتن جو پورهيو آهي. هُن پنهنجي علمي توڙي ادبي استطاعت مطابق پنهنجي لکڻين ۾ رنگ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪاوشن مان ڪجهه اشعار

ڪير آهي پنهنجو نظير
انبيائن جو تون امير

حبيبن سندو تون شان ڏس
مني مصطفيٰ جو مان ڏس

ميسر جن کي عشق ٿيو
رومي، جامي، منصور ٿيا

چون ٿا اُهي مٽي اڪير مديني جي
پلارا بيحد در و ديوار مدني جا

مليو دين اسلام آ اسان کي
عبادت سندي تي حيات اعليٰ

حرم ۾ پڇڻ جي فقط دير آهي
ڪرم تي ڪرم چوٽڪارو ملي ويو

ڪري ڪتري پلو تن جو خدا تو
قرابت جن درودن سان رهي تي

خيال ڪتري پنهنجي سوچ ۽ عقيدي توڙي مزاج مطابق هي قلمي پورهيو ڪيو آهي. شاعريءَ جا ڪجهه لوازمات بہ هوندا آهن پر هن ڪتاب ۾ انهن لوازمات کي هڪ پاسي رکي صرف عشق ۽ محبت جي بنياد تي نعت گوئي ڪئي وئي آهي. منهنجي دعا آهي تہ شال مالڪ خيال ڪتري جي هن قلمي پورهئي کي قبول فرمائي. آمين

امين اڏيرائي
29_10_2017

## حمد

هر ڪنهن جو آڌار تون آهين، بيشڪ پالڻهار تون آهين
روزي پهچڻ ۾ رسائين تو جيتن جيوڻهار تون آهين

خلقت تنهنجي آ ڪروڙن ۾، سيني جا مُکڙا هزارن ۾
اچرج ۾ آهي دنيا ساري، اهڙو خلقڻهار تون آهين

هر پاسي ڪانيار ڪاري آ ظالم جو پيو ظلم زاري آ
تنهنجو مالڪ! آسرو سڀ کي، تِڪ مان تارڻهار تون

جيڪو پهچي تو ندامت سان، خوش تي موٽي تو عنايت سان
تنهنجي در تي بخشجي سو تو باري بخشڻهار تون آهين

”کتري“ کي هادي هدايت ڏي، احمد جي دل سان اطاعت تي
بيحد باطن ۾ بهاري تي، سهڻو سرجڻهار تون آهين

# حمد

زمين آسمان جوڙي، ڪيا جڳ جهان پيدا
چِٽا چنڊ تارا سج، ڪيا شادمان پيدا

نہ محبوب جيڪر تو هجين ها! ٿِين ها ڪي
نہ جنت نہ دوزخ ۽ عبرت نشان پيدا

نهان مان عَيان خلقت، خدا حڪم تنهنجي سان
چئي ڪُن ڪيا تو لامڪان مان مڪان پيدا

عقل چرخ اڄ آهي، فلاسفرن جو يي
ٿيو تنبُ ٽوٽي ڪان، سوا آسمان پيدا

ٿِين سڀ چڱا انسان، هلن واٽ سهڻيءَ تي
ڪيو انبيائن جو سچو ڪاروان پيدا

ڏيڻ حوصلو امت، ٿين پرجهلو "ڪتري"
نبي جا وارث، ڪيا پاسبان پيدا
08_06_2017

# تضمين

سپ کو پري تو سلامي
هر کو کري تو غلامي
محبوب در تي مدامي
بلغ العليٰ بڪمالہٖ

تو در هٽن پيا صدائون
نِوڙت نياز ادائون
عاصين جون بخش خطائون
ڪشف الدّجيٰ بجمالہٖ

هر ڪنهن جي جهول پرين تو
ڪيڏو نہ قرب ڪرين تو
واهر تي سڀ تي ورين تو
حسنت جميع خصالہٖ

منهنجي بہ واڳ ورايو
محبوب "ڪتري" گهرايو
پنهنجو سلام پڙهايو
صلوا عليہ وآلہٖ

## نعت

ڪري ديدؒ داور جي دلدار آيو
ڏڪي تاج معراج منتار آيو

چڙهي هِن مڪان کي ويو لامڪان تي
وٺي قرب قادر جو مهندار آيو

ڏسڻ آسماني پڳي خلق ساري
زمين آسمانن جو سينگار آيو

مليو ڪنهن کي اهڙو ڪڏهن ڪينَ رتبو
ڪري رب سان راز گفتار آيو

وڏائي چڙهيو عرش جو مان "ڪتري"
لڳائي قدم پاڪ مختار آيو

## نعت

حبيبِ خدا جو نظارو ٿئي شل
وچن غم لهي دل قرارو ٿئي شل

وڏي ڀاڳ وارو هو حبشي پيارو
انهيءَ جان اسان جو سهارو ٿئي شل

نبيءَ جي نظر تي ڪيا سوڪ ساوا
خزان من اندر کو بهارو ٿئي شل

اول شرط ايمان نبيءَ جي محبت
رڳو عشق احمد خُمارو ٿئي شل

مٿي بادشاهن کان آهي غلامي
غلامن سندو ڪر شمارو ٿئي شل

خبر ڪيترو وقت باقي بچيو آ
مديني شهر ۾ گذارو ٿئي شل

رکان شوق ڏو بس! درودن پڙهڻ سان
گناهن جو "ڪتري" اُتارو ٿئي شل

## نعت

ڪير آهي تنهنجو نظير
انبيائن جو تون امير

شان تنهنجو اعليٰ عظيم
تون خدا جو آهين اثير

آسمان تــوڙي زمــين
ڪٿ ڏنو ڪنهن اهڙو منير

جــوت جلوو جانب پساءِ
عشق ۾ پنهنجي ڪر اسير

خاص تو تي انعام آهِ
ڇو ڇڏي در تنهنجو فقير

آسرو آ تنهنجو ٿيوم
ڪر ڀلائي منهنجي نصير

سار لهندو پهچي قبر ۾
ڇا ڪندا منڪر نڪير

رک درودن سان دل خيال
پڙهه صلواتون هر هر ڪثير
1_12_2015

## نعت

پهچي تي مهڪ مصطفيٰ جتي جتي
پهتو پيغامِ مصطفيٰ اتي اتي

جلوو تنهنجا پسي خوشيءَ منجهان ٽڙيا
وڻ ٽڻ سرها ٿيا سندا پتي پتي

عاشق صادق بلال سرس هو ٿيو
ماڻي ورتائين زندگي تتي تتي

چاهين درشن ڪرڻ تو پڙهه درود وڏ
ماڻيندين ديد مصطفيٰ ستي ستي

اوکي سوکي اچي، سڏي خيال ڏس
هوندو هر هنڌ تي توسان ڪتي ڪتي

15_12_2015

## نعت

درد جي آ دوا يار وٽ
زندگي خوش سدا يار وٽ

جسم ۽ روح آ يار وٽ
ابتدا انتها يار وٽ

دير آهي پڇڻ جي اٽ
آ سراسر شفا يار وٽ

يار پنهنجو خدا خود ڪيو
آ خدا جي رضا يار وٽ

رهبري يار هر ڪا ڪري
ٿي معطر فضا يار وٽ

ڪر خدا قلب ڪتري سندو
ٿي پچان دل صفا يار وٽ

9_2_2016

## نعت

انسانيت جـــي پــرواز مصطفيٰ
جـاڻـــي خــدا تو انــداز مصطفيٰ

آلاپ هڪ ئي آ هــنڌ هــنڌ تي
هر جا تو گونجي آواز مصطفيٰ

لولاڪ جو ڪارڻ تون، بنياد تون
تون ئي جهان جو آغاز مصطفيٰ

پر نور حاجت جبريل جا سڙن
سا حد ٽپڻ آ اعجاز مصطفيٰ

سڪ سان ثناگر هوندا خيال سيِ
خوش خلق انشاء پرداز مصطفيٰ

25_12_2015

# نعت

محبوب متي سان دلڙي لڳائي ڏس
مـــيلاد حبيبن جو تون ملهائي ڏس

ڪر پاڪ بدن پنهنجو تون درودن سان
دل عشق محمد ۾ تون جلائي ڏس

پڌرا تي پوندا دشمن حبيبن جا
محبوب خدا جو نعرو هُلائي ڏس

محبوب متي جو نان چُم اکين سان لاءِ
ابليس منافق هــر هــر جـــلائي ڏس

هيءَ سنت سموري خادم حبيبن جي
ميلاد وڏي برڪت آزمائي ڏس

هــر لــڙڪ مثالي ڪتري پوندو تي
محبوب جي الفت ۾ اڪ پِـجائي ڏس

10_1_2016

# نعت

ملي محبوب هيڪر، چُمي پير اکين تي رکان
مديني مان وڃان، سڀ مٽي مير اکين تي رکان

ڏسان سهڻو گهمي ڏيس محبوب مٺي جو وڃي
وسندڙ رحمتن جا ٻَڏِي ڍيہر اکين تي رکان

ٻَڏِي جي عشق جي چير بيخود تي نچن ٿا اتي
ڇما ڇم سڀ وڄندڙ وٺي ڇير اکين تي رکان

اچي سامهون جيئن سبز گنبد تہ اکين سان چمان
لڳن ٺڏڙيون هوائون، پِٺون پير اکين تي رکان

اُتي ڪتري وڃي آب زم زم کي اکين ۾ وجهان
اُتي جا وهٽ اُتڙا رڍون ٿير اکين تي رکان

5_2_2016

# نعت

حبيبن سندو تون شان ڏس
مٺي مصطفيٰ ﷺ جو مان ڏس

خدا آ گهرايو هل مٺا
پليڪار ۾ دربان ڏس

هلي دو بہ دو ديدار ڪر
نرالو ادا انسان ڏس

سڙي خاڪ تي جبريل جت
مٺي آسمانن آن ڏس

ويا جيئن سِدره کان مٿ
مَلَڪ سڀ ٿيا حيران ڏس

مِلي آ سواري برق جي
چڙهي جسم سان تِي جان ڏس

مِلِي عشق جي ڪتري پوي
ٿئي سرس سج کان يان ڏس

13_5_2016

# نعت

خوشيون ملهايو مومنو محمد ﷺ آيو آ
اسان توهان تي يار برڪتن جو بادل ڇايو آ

هئي دنيا ڪانيار ۾ تڳي پئي دردن دز ۾
ڪئي سا روشن نور سان، جتي ڪتي جهرڪايو آ

رهُو ڦُٽا جت خار تي، مٿل خزان ڇڙپاسي هو
گلاب جي خوشبوء جيان، سڄو جهان مهڪايو آ

عذاب ۾ نياٽيون هيون، دفن ڪيون زنده پي ويون
سراب تن جي زندگي کي ڏس خوشين مُرڪايو آ

مٺي محمد ﷺ جي اسان تي آ عنايت وڏ ڪان وڏ
خيال هِت هُت رحمتن، شفاعتن جو سايو آ

26_6_2016

## نعت

بي سهارا مسرور ٿيا
نور سان ڀرپور ٿيا

پاڪ سھڻن ڪعبو ڪيو
بت پُري سڀ ڪافور ٿيا

هَٿ وڏائي نابود ٿي
ڏاڍ ڍهڪاء مفرور ٿيا

علم جو دروازو کليو
سڀ منور بي نور ٿيا

پنج تن جو پاڇو مليو
برڪتن سان مقدور ٿيا

دل درودن ۾ محوِ ٿي
رنج ۽ غم سڀ دور ٿيا

ميسر جن کي عشق ٿيو
رومئ جامي منصور ٿيا

عزتون ماڻيون ڏيئرن
خوش ته ڪتري رنجور ٿيا

2017

## نعت

وڃن عاشق ٿا ڏسڻ مينار مديني جا
رچائن ٿا روح ۾ انــوار مديني جا

ڇوَن ٿا آهي مِٽي اڪسِير مديني جي
پيارا بيحد در و ديــوار مديني جا

ملي هرڪنهن جي اکين کي ٺار مديني ۾
عجب آهن يار سڀ آثار مديني جا

ملي آٿت ٿي جتي، مايوس دلين کي پڻ
اچن ٿا ڪٿ سمجهہ ۾ اسرار مديني جا

اسان کي آهي ڏسيو در پاڻ شَفاعت جو
جهان لئہ رحمت سچا سردار مديني جا

محبت اهڙي ملي ٿي يار مديني ۾
سوايا سڀ ڪان مليا آڌار مديني جا

خطا ڪارن جي بچا جو در ہہ اُتي ڪتري
اسان جا آهن وڏا غمخوار مديني جا

2017

# نعت

محمد ﷺ مِنِي جون صفات اعليٰ
نبيءَ جون سڀوريون بَناتَ اعليٰ

مکي جِي زيارت ثواب آهي
مديني مٿي جِي تي تات اعليٰ

مليو دين اسلام آ اسان کي
عبادتِ سندي تي حيات اعليٰ

لکيا هت هزارين غزل بہ آهن
ثناء ۽ صفت جي تي ذات اعليٰ

خدا بعد بزرگ خيال آهي
حبيبن سڀورن جي ذات اعليٰ

20_8_2016

## نعت

ڀَروَر جا پيارا، اُمت جا سَهارا
صدقي تو ملندا، جنت جا ٻَهارا

جهوميا ۽ خوشيءَ ۾ماٺهو مُرڪيا سڀ
دردن ۾ جهريا تي ماڻهو جي ڏُڪارا

آهي ڪير منهنجو هت ڏي ڪو سهارو
ناهن تو سوا ڪي، ڪنڌيون ۽ ڪِنارا

واهر مون سندِي تي ۽ پڙ ڪا ڀلائي
ماريان نفس پنهنجو ڪارو هي امارا

دردن ڪي درودن سان ڪتري ختم ڪر
چاهين تو حياتي، تي پنهنجي سُڪارا

9_8_2016

# التجائي نعت

مديني مٺي جا ڏسان مان نظارا
سوا تن ڏسڻ جي ڏکيا هن گذارا

مٺي پاڪ سهڻي وطن جي چمن مان
اکين سان مَلي سا، گهٽايان ڏکارا

پلائي خدا مون تي اهڙي ڪري جو
ڏيان پاڪ روضي کي آئون ٻُهارا

ڪيو ربّ قرآن ۾ فرمان جاري
وڃن جي مديني ملن تن سَهارا

گنهگار جا سڀ زيارت ڪرڻ سان
وڃن قلب تان ڏوهجي داغ ڪارا

ملي تي جتي روح کي تازگي پڻ
پهچڻ سان اچن قلب کي تا قرارا

لکيل شل! هجي ڪا نصيبن ۾ منهنجي
تـيَن مون کي ڪتري پهچڻ جا اشارا

29_8_2016

# التجائي نعت

گهران تو دعا مان مدينې وَڃڻ جي
ملي ڪا چٽي مون سفيني چَڙهڻ جي

ڏسان مان نبيءَ جو مٺو پاڪ روضو
ملي ڪا اجازت خزيني ڪٽڻ جي

نبي پاڪ جي پاڪ جت آ حويلي
نبيءِ جي تهيل آستاني ڏِسڻ جي

مٺو ملڪ آهي مدينو بہ ڏاڍو
سعادت ملي ات دفيني ٿيڻ جي

مٺان آ مهينو بہ ذُوالحج جو سائين
نہ آ دير ڪتري مهيني وڃڻ جي

20_8_2016

## نعت

ڏس روبرو ربّ سان پيو ڪلام ڪري
مخلوق ساري جهڪيو پئي سلام ڪري

آڪاش منڊل کي زير پا حبيب ڪيو
اپ عرش ڪان پي متي سفر اڏام ڪري

اڳ ۾ نہ ڪنهن رب کي ڏٺو اکين سان تہ هو
آيو اکين سان مشاهدو تمام ڪري

جبريل جا پَرَ تي جِت سڙيا، حبيب ويا
پرواز سِدره متي پيو امام ڪري

احڪام جي رب ها ڏنا، حبيب ڏنا
تعليم اسلام سان امن دوام ڪري

آيا دنيا تي يا امتي زبان تي هئي
بدڪار امت جي لئہ حِرا قيام ڪري

عزت شرافت جو درس عام جام ڪيو
قائم امن ۽ سلامتي نظام ڪري

قرآن ۾ جا بہ جا سندن ئي شان هجي
ساراه ان جي خيال ڇا غلام ڪري

5_8_2016

## نعت

سھڻن جو سيرت نگار خود خدا آهي
محبوب جو شان سرس ۽ جدا آهي

تاريخ هر قول فعل کي رقم آ کيو
تي وئي پٿر تي لکير هر ادا آهي

امّت سياه ڪار آسري اوهان جي آ
يا امّتي امّتي ٻڌي صدا آهي

ڪندو اسان کي سوار پاڻ محشر ۾
ٻيڙي شفاعت جو سوئي ناخدا آهي

رحمت نظر ڪا خيال تي ڪريو آقا
اوڊيل اوهان جي اميد جي ردا آهي

25_7_2016

# نعت

منھنجي چمن ۾ تي سرهاڻ آهي
هـــــر وات ۾ وائي واکاڻ آهي

هر دوجهان جو مالڪ آ محمد ﷺ
آڌار امت جـــو ييي پاڻ آهي

سيني جهانن جو والي محمد ﷺ
ويچار کھڙو مون کي هاڻ آهي

محبوب جي مرضي تو رب چاهي
لولاڪ جڙيو احمد ﷺ ڪاڻ آهي

غم درد تيندا سڀ ڪافور ڪتري
شافع قيامت ۾ جي ساڻ آهي

12_7_2016

## نعت

نعرو اسان جو آ يا رسول الله
دم دم پڪاريون ٿا يا حبيب الله

سهڻن جي صدقي ٿي مهرباني آ
ورتو وسيلو حضرت صفيءُ الله

پل ۾ ميسر ٿي ديد تو کي آ
حسرت ڪئي جا حضرت ڪليم الله

صدقي اوهان جي آڙاه ٿيو گلشن
آڙاه اندر خوش ويٺو خليل الله

تو مان نسب هو هلڻو حبيبن جو
ڪاتي ڪپي ڪيئن تو کي ذبيح الله

ساري خدائي امت محمدﷺ آ
ثابت ڪرڻ ايندو پاڪ روح الله

آهي اوهان جو ئي آسرو مون کي
ڪتري ڪريو پنهنجو يا نبيءُ الله

## نعت

حبيبِ خدا جو ديدار ڏيندو
سُکيو پوءِ منهنجو سنسار ڏيندو

خدا شل! ادب سان مون کي هلائي
ادب ساڻ گلشن گلزار ڏيندو

ڏنو جنهن ۾ آهي سهڻو مدينو
ٻُڏڻ ساڻ لڙڪن جي لار ڏيندو

ملاقات جي مان لائق ئي ناهيان
ندامت سان داخل دربار ڏيندو

درودن وسيلي گهُر تون مُعَافي
تڏهن قلب کتري بيدار ڏيندو

21-11-2016

## نعت

نور آيو هت خدا جو بي سهارا تا کلن
تي جهان روشن ويو هر جا بهارا تا مچن

نور جون لاٽون اٿيون، دنيا سُهائي تي وئي
جوت جي جهرمر سان، چوپاسي نظارا تا نچن

آدمين کي ماٺ پو آهي ڏنو احمدﷺ اچي
جانور پيي خوش، پکي هر جا نيارا تا لڳن

تي جهڪيا ڪوڙن بتن آڏو مڃي پنهنجو خدا
تن مڃيو واحد، هدايت جا ستارا تا سُجن

بي زبان پٿرن ٻه ڳالهايو نبيءَ جي حڪم سان
وڻ هلي آيا حبيبن جا اشارا تا ٿِين

درد دنيا جا گهٽيا، سنسار کي مسرت ملي
پار ٿيا ٻيڙا، ٻڏندڙ کي ڪنارا تا مِلن

عبد حبشي جي وئي تي مصطفيﷺ جو آ مليو
سچ غلاميءَ منجهه ڪتري سڀ پيارا تا پلن

25_11_2016

# نعت

مکي ۾ آيو صادق امين مصطفيٰ ﷺ
خدائي ۾ رحمت عالمين مصطفيٰ ﷺ

مديني جو سائين رب جو حبيب آ
اسان جو هادي رهبر متين مصطفيٰ ﷺ

تئي امت منهنجي بخش هيءَ دعا گهري
رهيو پنهنجي امت لئہ حزين مصطفيٰ ﷺ

ڏسي چهرو وَالضُحيٰ چنڊ تي ويو جهڪو
قمر کان وڌ روشن آ جبين مصطفيٰ ﷺ

گذر آ اصحابن سان زمين تي مگر
متي عرشن کان آهي مکين مصطفيٰ ﷺ

گهرائي جن کان محبوب پاڻ کم وٺن
پيارا آهن سي خادمين مصطفيٰ ﷺ

هدايت کامل کا تي خيال کي عطا
کري شل پورا ارکان دين مصطفيٰ ﷺ

26_11_2016

# نعت

گڏجي مومنو ميلاد ملهايو آڏار نبي آيو آ
جهنڊا سڀ لڳايو نعت بہ ڳايو مختار نبي آيو آ

خوش آهن ملائڪ رب جا سارا ۽ چنڊ ستارا سارا
سيني انبيائن جو بہ پيارو سردار نبي آيو آ

در آهي کليو جنت جو جهنم جو بند ٿيو دروازو
چوڌاري هَوائُن هُل بہ هُلايو دلدار نبي آيو آ

محفل دلبرن هر پاسي مچائي ميلاد جي موسم آئي
هر جا آ چڱن اجلاس گهرايو مختار نبي آيو آ

گلشن سڀ ٽڙيا ٿي باغ بهاري، ٿي مهڪ دنيا هي ساري
واڌايون ڏيو پنهنجن کي ٻڌايو سرڪار نبي آيو آ

اونداهي ختم ٿي جوت وري آ. هر هنڌ ٻري ٻاري آ
هر جا ماڻهپو ۽ مان وڌايو مهندار نبي آيو آ

پيرن کي چمي جبريل چيو آهي رب سڏايو سهڻا
ڪتري رب هو ديدار ڪرايو اسرار نبي آيو آ

28_11_2016

## نعت

وڏي آ عنايت حبيبِ خدا جي
خدا جي اطاعت حبيبِ خدا جي

نہ ڪم ڪير ايندو سوا مصطفيٰﷺ جي
سُجي ڪونہ ٿو آسرو مجتبيٰ جي
سين تي اعانت حبيبِ خدا جي

سچو در دعا جو اهو ئي تہ آهي
سوا مصطفيٰﷺ ڪو وفادار ناهي
پڪي آ شفاعت حبيبِ خدا جي

زماني جي حالت نِهوڙي ڇڏيو آ
دنيا جي خفن ۾ وڪوڙي ڇڏيو آ
نظر تي سعادت حبيبِ خدا جي

وَلَو اَنَّهُم ۾ وڏو آسرو آ
نہ ڪوئي محمدﷺ سوا پرجهلو آ
هلي ڏس سخاوت حبيبِ خدا جي

نبي پاڪ جو پاڪ آهي گهراڻو
خدا جي محبت جو ڪتري ٽڪاڻو
سچو گهر بشارت حبيبِ خدا جي

30-11-2016

# نعت

جيئڻ جو سڏو گس قرارو ملي ويو
اسان کي سڄڻ جو سهارو ملي ويو

دنيا هــــو ڏٺو چنڊ تيندي اڏواڏ
حبيبِ خدا جـــو اشارو ملي ويو

عصر وقت ظاهر لٽل سج تيو هو
عليءَ کي نبي آ نيارو ملي ويو

حـرم ۾ پُڄڻ جي فقط دير آهي
ڪرم تـي ڪرم ڇوٽڪارو ملي ويو

سچي آس جن کي زيارت ڪرڻ جي
ملي ديـد تــن کي، پلارو ملي ويو

غلامي حبيبن جـــي ڪتري ملي آ
نہ چاهـت رهي ڪا، گذارو ملي ويو

1_12_2016

# نعت

شانُ تنهنجو مٿا، سرس سڀ کان جدا
ڪير ڄاڻي سگهي تو سوا هڪ خدا

ايُّڪُم مِثلِ چئي ٻڌائي ڇڏيو
ڪينَ ڪر همسري، ڏار منهنجي ادا

مصطفيٰ تو ڏٺو روبرو آ خدا
شرف محبوب تو کي ڏنو هي عطا

جانِ جانان حبيبِ خدا مصطفيٰ ﷺ
تو سوا هر جهان جانِ ڪان آ سوا

يا حبيبِ خدا تي ڇپر مون مٿان
آس وندو رهي ڇو نہ ڪتري سدا

2_12_2016

## نعت

حضور جي اچڻ سان جهرمر جهان ٿيو
وئي ختم تي اونده روشن زمان ٿيو

اچڻ سان تِي سڄڻ جي رونق جتي ڪٿي
گلاب سونهن تي ۽ سهڻو سمان ٿيو

ٿيا سين ڪي پُٽڙا صدقي حبيب جي
خوشيءَ منجهان تِڙي هر ڪو شادمان ٿيو

پکي پهڻ ٿيا خوش، جِن اِنس جانوَر
رقم نئون حبيبن جو داستان ٿيو

ظهور نور سان سڀ کو خوش خيال آ
گناهَگار هر هڪ تي مهربان ٿيو

3_12_2016

# نعت

امن جو ڏنـــو پيغام جنهن اسان جو آ نبي
دلن مان ڪڍيا اوهام جنهن اسان جو آ نبي

قـريبن رقيبن سان سلوڪ سهڻي سان هـلِي
محبت ڪئي انـعـام جنهن اسان جو آ نبي

شرافت ۡجي ساري سُونهن سان سجائي قوم کي
ڏنـو آ سـچو اسلام جنهن اسان جو آ نبي

ڪڍي ڪس قلوبن مان ڪري نرم دل ذڪر سان
سـچائـي صداقت عـام جنهن اسان جو آ نبي

ٽِـٽي بُت پرستي جا خيال پنهنجي قوم مان
ڪنيا حق سـنـدا اقـدام جنهن اسان جو آ نبي

12_12_2016

## نعت

جتي ميلاد جي محفل مچي تي
اُتي برسات رحمت جي وسي تي

پڙهون نعتون سدا سرڪار جون تا
محبت مصطفيٰ ﷺ رڳ رڳ رچي تي

لبن تي يا محمد ﷺ تو رهي جن
سڪون تن کي دلي راحت رسي تي

ڏسي ابليس چرچو مصطفيٰ ﷺ جو
ڏسڻ سان ئي خناسي دل جلي تي

مجي منڪر نتو ڪا ڳالهہ ناهي
سعادت ڀاڳ وارن کي ملي تي

حبيبن جي مچي مجلس جتي تي
سڪر مهتاب ڪان روشن لڳي تي

ڪري ڪتري پلو تن جو خدا تو
قرابت جن درودن سان رهي تي

12_12_2016

## نعت

بلند بالا نبي آيو مڪي ۾ تي ولادت آ
مديني جو ڏٺي آيو ڪئي مولا عنايت آ

مڪي جو مان مولا آ، وڌايو شان مولا آ
محمد ﷺ جي طفيلي اڄ، مڪي جي تي قدامت آ

ملي سڄ چنڊ کي صدقي، حبيبن جي سهائي آ
چمڪ تارن ستارن ۾، حبيبن جي سخاوت آ

ويون پنجي برايون سڀ، ٿيا مشرڪ پڪا موحد
ٿيا مرسل سندا ساٿي، حبيبن جي قرابت آ

خدا جو نور پڌرو آ، ڪئي جنهن جوت دنيا ۾
ملي عزت وڏي عظمت، ڪئي جنهن ٻي اطاعت آ

پڙهن جيڪي حبيبن تي، سچي دل سان درودن کي
حضوري ۾ ٿيا حاضر، ملي تن کي زيارت آ

ڪريو توبہ وٺو معافي، مٺو محبوب وينو آ
ٿئي مايوس ڇو؟ عاصي، محمد ﷺ جي شفاعت آ

ملهائي عيد هر ڪنهن آ، سوا ابليس منڪر جي
رهو تن کان پري ڪتري، وڏي منڪر غلاظت آ

17_12_2016

## نعت

اسان تي يا رسول الله كئي بيحد عنايت آ
دنيا كائي پئي خيرات، سهڻن جي سخاوت آ

سوا لک انبياء بيت المقدس ۾ تيا حاضر
جتي سيني امام الانبياء جي كئي اطاعت آ

امام الانبياء جي آ، سموري تي دنيا قائل
نبيءَ جو معجزو هر هک نبوت جي صداقت آ

ملي آٿت يتيمن کي، ڏني عزت غريبن کي
محمد ﷺ جي عنايت سان دنيا ۾ اڄ شرافت آ

حضوري ۾ هئا حاضر صحابي سڀ حبيبن جا
هدايت جا ستارا سڀ، سچو سرور قيادت آ

دنيا ٿيندي فنا آخر، ختم چرچو نه تو ٿيندو
خدا ذاکر مٺا تنهنجو سدا قائم رسالت آ

چرند توڙي پرند محبوب تي کلمو پڙيو کتري
حجر توڙي شجر تنهنجي ڏني هر کنهن شهادت آ

16_12_2016

# نعت

چوان ڇا شانُ مصطفيٰ ﷺ جو
زمين آسمانُ مصطفيٰ ﷺ جو

بچايو شرڪ جي وبا کان
وڏو احسانُ مصطفيٰ ﷺ جو

ڪيو مالڪ بيانُ خود آ
سڄو قرآنُ مصطفيٰ ﷺ جو

خدا ڏي مصطفيٰ ﷺ تو وندي
پيو ڪاء نانُ مصطفيٰ ﷺ جو

ملي جنهن مان خدا شناسي
مٿو ميخانُ مصطفيٰ ﷺ جو

نہ گهرايو گناهگارو
حشر ميدانُ مصطفيٰ ﷺ جو

شفاخانو خيال مرضن
دوا آ تانُ مصطفيٰ ﷺ جو

22_12_2016

## نعت

چنڊن ۾ آ چٽاڻ صدقي محمد ﷺ جي
ماکيءَ ۾ آ مٺاڻ صدقي محمد ﷺ جي

ڪاري دنيا هئي نه ان ۾ محمد ﷺ هو
عالَم ۾ آ اڄاڻ صدقي محمد ﷺ جي

مالڪ جون سڀ چڏيون وساري هيون واٽون
مالڪ جي ٿِي سڃاڻ صدقي محمد ﷺ جي

دنيا جون گردشون پيون جوت سان جرڪي
قائم آهن وٿاڻ صدقي محمد ﷺ جي

سونهاري سنڌ ڪي دعا آ حبيب ﷺ جي
موجون مهراڻ ساڻ صدقي محمد ﷺ جي

نفرت جو دور هو نه ڪنهن جي هئي عزت
گهٽ ٿي قلبي ڪساڻ صدقي محمد ﷺ جي

دنيا ۾ ٿي خيال محفل محبت جي
راحت رونق رهاڻ صدقي محمد ﷺ جي

23_12_2016

## نعت

مختار نبي منهنجو آيو آ
منتار نبي منهنجو آيو آ

لڄپال سڄي امت جو سهڻو
رکوال سڄڻ هر گت جو سهڻو
آڌار نبي منهنجو آيو آ

ٻيجان پٿر سونهان سائين جا
حيوان بشر سونهان سائين جا
سردار نبي منهنجو آيو آ

ديدار ڪرڻ سڀ مرسل آيا
اقرار ڪرڻ سڀ مرسل آيا
پڳدار نبي منهنجو آيو آ

سوغات صلوتن سان شامل تي
اتباع سان محمد ﷺ جي ڪامل تي
مهندار نبي منهنجو آيو آ

تو پاڻ خدا ساراهي سرور
لک نعت پيو ڪتري تون هرهر
سرڪار نبي منهنجو آيو آ

24_12_2016

## نعت

ملي هٿ ۾ ڪو پيام هاڻي
مديني ۾ تــــي قيام هاڻي

اڪين سان پنهنجي پسان مدينو
نصـيبن ۾ لکجي شام هاڻي

خدا شل! منهنجو نصيب کولي
تـيَن اوجــاڳا تــمـام هاڻي

رهان پيراندي حضور حاضر
حياتي جا سڀ ايـام هاڻي

خطائـن جي تي ملي معافي
ڪرم سان تي ات قيام هاڻي

ٿئي حاصل حاضري ادب سان
ورايــو منهنجي زِمام هاڻي

ملي روحاني خـيال راحـت
سڪون حاصل ٿئي دوام هاڻي

28_12_2016

## نعت

لُعابِ دهن مصطفيٰﷺ جو ڪمال عجب
اکين جي روشني ورائڻ محال عجب

وجهڻ سان کوهُ هو مٺو خوب ٿيو
لعابِ مصطفيٰﷺ سندو هو وصال عجب

لڳڻ سان زهر جو اثر بي اثر ٿي ويو
حبيب الله نبيءَ جي ٿُڪ جو مثال عجب

زخم پُر ٿي ويا ختم درد مرض ٿيا
مَلڻ سان ئي لعاب کي هو جمال عجب

حبيبن کي ڏنا خدا اختيار وڏا
ڪرڻ ڪا شيءِ حرام ڪا شيءِ حلال عجب

زبان چوسي شبير نانا نبي جي هئي
رهي حسرت پياس ڪربل خيال عجب

30_12_2016

## نعت

دلين کي تو ٺاري، محمد ﷺ جو نالو
مُٺل تـــو جياري، محمد ﷺ جو نالو

محمد يا احمد رکيو نانءُ جنهن آ
بچايو ٻچن کي جهنم کان تنهن آ
نصيبن کي واري، محمد ﷺ جو نالو

سهارو مليو ٻي سهارن کي سهڻو
نبي آ مليو غم جي مارن کي سهڻو
مصيبت تــو ٽاري، محمد ﷺ جو نالو

ملن منزلون تيون درودن پڙهڻ سان
ڪنارو مليو مصطفيٰ نان وٺڻ سان
جهـنـم اڪاري، محمد ﷺ جو نالو

پڙهڻ ساڻ ڪلمو ڪري پاڪ سائين
رکيو تنهن سلامت اسان کي سدائين
گناهـن کي ڳاري، محمد ﷺ جو نالو

وڏي جوش جذبي سان ڪتري پڪاري
پيو پاڻ پنهنجو سنواري ســـداري
صبح شام ساري، محمد ﷺ جو نالو
20_1_2017

## نعت

نہ محشر ۾ ڪوئي مون کي انتظار ٿيندو
نبي پاڪ منهنجو مون تي قربدار ٿيندو

سڏيندو گناهگار يا امتي پڪاري
درودن وسيلي بلند ات وقار ٿيندو

شفاعت ڪندو مصطفيٰ مُذنِبِينِ ساري
ڏسي مصطفيٰ جي سخا خوش غفار ٿيندو

قيامت ڏِهاڙو بہ ميلاد مصطفيٰ آ
جتي ذڪر محبوب جو آشڪار ٿيندو

مجڻ شرط آهي هتي، مصطفيٰ مٺي کي
مڃي جي نہ تہ تو منڪرن ۾ شمار ٿيندو

فقط آسرو مصطفيٰ ۾ خيال آهي
ڏٺي پاڻ محبوب پروردگار ٿيندو

24_1_2017

## نعت

دنيا جو محور مڪو بخت آهي مدينو
حاڪم محمد ﷺ مِنو تخت آهي مدينو

کهڙي ڪجي ريس تن سان، وطن جن مدينو
جن جي رهي آمد و رفت آهي مدينو

بيمار تين تا منافق، مديني پڄڻ سان
بد بخت گستاخ لئہ سخت آهي مدينو

ڪائي دنيا ونڊ ساري حبيبن سندو تي
قاسم محمد ﷺ مِنو رخت آهي مدينو

آ باغ جنت جو ڪتري، حبيبن جو روضو
بيشڪ تہ جنت جو لخت آهي مدينو

28_1_2017

# نعت

آسمان کان متي لامڪان پـــير آ
مصطفيٰ ﷺ کان متي شانَ ۾ ڪير آ

عشق جنهن ۾ محمد ﷺ متي سان رکيو
دين دنيا سندو سو سوا ســير آ

پاڻ جهڙو تا سمجهن، پليل سي اتئي
خارجي خار مــن ۾ سندن مير آ

هِت مُلن جا ويا قلب آهِن ڦِـري
دان خاطر وڏو ديـــن ۾ ويــر آ

مصطفيٰ پاڪ جي علم تي شڪ ڪري
پڪ سان ڪتري اهو ڏوند جو ڏير آ

2_2_2017

## نعت

حبيبِ خدا مثل ڪو تيو نہ ٿيندو
نبي پاڪ جھڙو نہ آيو نہ ايندو

سِرَاجًا مُنِيرا ۾ آهن اميدون
چگن سان مٺا سڀ گڏي ساڻ نيندو

حبيبن جي امت وڏي ڀاڳ واري
وڏي خلق سان پاڻ جنت پريندو

حشر ويل هوندا پريشان سارا
قيامت ۾ ساري سين کي سڏيندو

شفادار شافع محمد ﷺ متو آ
نبي پاڪ جنت وٽي پاڻ ڏيندو

وڏي آسري ۾ گناهگار آهن
نہ ڪتري ڪڏهن غمزدن کي ڇڏيندو

3_2_2017

# نعت

جنگ ۽ پيار ۾ اِباحت ڇا لئہ
واڻ حق تي هلڻ قباحت ڇا لئہ

نور آهن ٻئي، نبي ۽ قرآن
ڳالهہ آهي ڇٽي وضاحت ڇا لئہ

عام ۽ خاص گر برابر آهن
لا مڪان جو سفر سياحت ڇا لئہ

گر قبر ۾ حساب ورتو ويندو
پوءِ سجايو قيام ساحت ڇا لئہ

وِرد اعليٰ خيال بيحد آهن
سرس سڀ ڪان درود راحت ڇا لئہ

9_2_2017

## نعت

دل تي چوي هلان مان، دلدار جي وطن ڏي
هر درد جي دوا آ، سردار جي وطن ڏي

محبوب جي وطن جون، جنهن کي لڳن هوائون
سو تو کري هلڻ جي، مهندار جي وطن ڏي

دنيا پري پئي آ عنبر ۽ مشڪ سان پر
خوشبوءِ اُچي ملي تي، مختار جي وطن ڏي

محبوب جو مدينو اعليٰ اُتم گگن کان
جنت جو تڪر آهي، آڌار جي وطن ڏي

باقي خيال گهاريان جيڪي گهڙيون بچون هن
مون کي ملي ڪفن پي، سالار جي وطن ڏي

28_2_2017

## نعت

قَد جَاءَ کُم مِنَ اللهِ نُورٌ آيو
بخشڻ شرف زمين کي حضور آيو

توحيد جي پيارڻ مي عشق آيو
هڪ رب جو ڏيڻ هو شعور آيو

انجيل ۾ ٻڌايا يسوع مسيح گڻ
سردار جي مهابي زبور آيو

ڪردار سهڻي سان دين کي وڌايو
ذهنن منجهان ڪڍڻ سڀ فطور آيو

دنيا ۾ بت پرستي عروج تي هئي
توڙڻ صنم پرستي غرور آيو

تقدير ۾ هئا غم لکيل مٽاياَ
تقدير کي سنوارڻ ظفور آيو

درگور جيئري پئي تيون نياڻيون
جهولي ڀرڻ خوشين سان طهور آيو

محبوب کي خدا لامڪان گهرايو
موسيٰ ڪليم بس! ڪوهِ طور آيو

آسون سين جون تو ياڻبي پچائي
لاهڻ سين جا غم درد سور آيو

دل سان درود جو وِرد جنهن ڪيو آ
پيغام ڇوٽڪارو ضرور آيو

ذاڪي خيال امت اميد ۾ آ
شافع قيام يَومُ النُشُور آيو

17_3_2017

## نعت

رهبر و رهنما يارسول الله ﷺ
هادي حق نما يارسول الله ﷺ

تون ئي ابتدا يارسول الله ﷺ
تون ئي انتها يارسول الله ﷺ

هجرت سان مديني لڳا نعرا
گهرگهر مرحبا يارسول الله ﷺ

قاسم تون خدا جي خزانن جو
سڀ تو در گدا يارسول الله ﷺ

پڙهہ وَلَسَوفَ يُعطِيکَ رَبُّکَ ۾
واحد جي رضا يارسول الله ﷺ

ڪونهي تو سوا من اندر ڪتري
من ۾ تون سدا يارسول الله ﷺ

## نعت

تعليم اخلاق جي جنهن ڏني آ
سو ئي اسان جو پيارو نبي آ

منزل ٻُڌائي، ڏَسي واٽ هر ڪا
حق واٽ تي جو هليو سو ولي آ

سنسار کي آشنا علم سان ڪيو
زر علم جو باب مولا علي آ

اسلام ئي حق ڏنا عورتن کي
تهذيب اهڙي نہ ڪنهن کي ملي آ

محبوب سان جنهن محبت ڪئي آ
بيشڪ انهيءَ جي حياتي ڀلي آ

آهي سماجي عمل جي ضرورت
هر ڳالهہ پنهجي زبان تي ٽلهي آ

محشر ۾ سوئي پيو هٿ هٿندو
گستاخ تي زندگي جنهن ڪٽي آ

هن دين ڪان ڪو مٿي دين ناهي
ڇڏ نفرتون ڪر محبت هلي آ

الله جـــو دين ڪتري مليو آ
حق تي دنيا ساڙ ساڙي جلي آ

9_4_2017

# معراجيہ نعت

گهرائي مٿي لامڪان مجتبيٰ کي
ڪرائي پيو ديد ڏس مصطفيٰ کي

ڪٿي انبيائن کي طاقت ڏسڻ جي
هئي ديد مخصوص خيرالوريٰ کي

ڪيو عرض موسيٰ ملي ديد مونکي
نہ آ سهپ تو ۾ ڏسين تون خدا کي

ڏنو ابتداء ڪان اکين سان دنيا کي
ڪري سير آيو ڏسي انتها کي

سِري ڪان دنيا کي، تهندي ڏنو جنهن
نہ پرکيو ائين ڪنهن بہ آ ارتقا کي

سڙي پر پوندا، ڇُرندس جي اڳتي
اڪيلو ڇڏيو سِدرَةُالمُنتَهيٰ کي

نہ ازل ڪان منزل، ملي ڪنهن کي اهڙي
ڏِسي جوت اُڪري ويو مُستَويٰ کي

ڳجها علم پنهنجا، عيان غيب سارا
رکي دست قدرت پٽن پارسا کي

سليا راز ڪتري، خدا پاڪ پنهنجا
ڪيو هر جهان ڪان مٿي رهنما کي

23_4_2017

## نعت

اِنَّا اَعطَيۡنٰکَ الكَـوثَـر
اعليٰ تون آن بيحد برتر

مٽ کو ثاني تنهنجو ناهي
تون هان ساري جڳ کان بهتر

خالق تو کي خود آ چاهيو
قادر جي قدرت جو مظهر

رازن سيني کان واقف تون
سر تا پا آن نوري جوهر

تنهنجي لئہ آ، دنيا ساري
تون ئي مالڪ تون ئي سرور

آسون تو ۾ ڪتري جون سڀ
آهين تون ئي شافع محشر

24_4_2017

## نعت

هر مڪان ڪان مٿي، لا مڪان ڪان مٿي
شـــــان بالا بلند آسمان ڪان مٿي

مصطفيٰ پاڪ جي حُـــــب ايمان آ
جان پنهنجي، ابي ۽ امان ڪان مٿي

والعصر ۾ زمان جو قسم آ ڪنيو
آ پلو سو زمان هر زمان ڪان مٿي

انبياء ڪُل ڪئا، رحمتون ڪن عطا
مصطفيٰ پاڪ هر مهربان ڪان مٿي

ســــوچ ويچار ڪان، آ وڏو مرتبو
سمجهه ڪان آ پرو هر گمان ڪان مٿي

علم محبوب جو آ سمنڊ بي ڪنڌي
آ نبي لفظ هڪ، داستان ڪان مٿي

هر جهان ڪاڻ رحمت خدا آ ڪيو
هر دنيا جي وڏي، پاسبان ڪان مٿي

مصطفيٰ روبرو هر نهان ٿيو عيان
ڪير ڪتري ڪري، هر بيان ڪان مٿي

23_5_2017

## نعت

بلند شان تنهنجو سين کان سوايو
خدا مان آهي اوهان جو وڏايو

پڙهيون جن صلوتون وڏيا تن جا رتبا
دنيا آخرت ۾ انهن آ ڪمايو

گلا خور تنهنجا ٿيا جيڪي آهن
خدا تن کي دنيا ۾ در در پـنايو

پڙهي رَاعِنَا کي مٽا منجهہ قرآن
ٿيا بي ادب جي، اجـر تن وڃايو

پيا تور تڪ کن منافق اصل کان
مٿو خارجي پيا هڻن ٿا اجايو

ڳجهو ڪو بہ ڪتري نہ آهي اوهان کان
خدا خود گهرائي لقا تو پسايو

11_6_2017

# نعت

رحمت وسي خدا تي، جنهن جو شمار ڪونهي
سو ملڪ آ مدينو جت انتشار ڪونهي

هر هر پيو پڪاري، امت کي بخش باري
بس دير آ پُڇڻ جي، اُت انتظار ڪونهي

ڳولهين پيو سڪون چو؟ آهي ڪٿي دنيا ۾
اُت هل متا مديني، ڪا دل فگار ڪونهي

عاصي هلو مديني، ڪن بخش تا خطائون
ميخان آ محبت، ڪنهن کي ڏڪار ڪونهي

هر مرض جي شفا آ، جِت درد جي دوا آ
محبوب کان سوا پيو، ڪو غم گسار ڪونهي

عاشق ڏسڻ گهرن تا، محبوب جو لقا بس!
محبوب کان سوائي، ڪنهن کي قرار ڪونهي

مَدحت خيال ملڪيت، آ مصطفيٰ ﷺ متي جي
ان کان سوا پيو ڪو، منهنجو اُتار ڪونهي

16_6_2017

# نعت

مٺي ٻه آهي شفا، دلــبر جي ديس ۾
ملي محبت سچي، سرور جي ديس ۾

گناهَ ۾ غرق تي بخشائـڻ سڀ وڃـن
نجات واري هـوا، يـاور جي ديس ۾

جهُڪي پئي جي مديني ۾ دل اي بنده
مشاهــدو روبـرو رهـبر جـي ديس ۾

وسن پيون رحمتون سهڻي سـردار تي
شهر وچي سو ڏسان، انور جي ديس ۾

هلي مـديني تيان، سگ در محبوب جو
خيال اُت مالـڪِ ڪوثـر جي ديس ۾

14_5_2017

## نعت

مي عشق محمد ﷺ جا، انوار عجيب آهن
سردار سچي جا سڀ، اسرار عجيب آهن

جبريل امين خادم، محبوب خدا جو هر دم
دربار حبيب ﷺ جا، ديدار عجيب آهن

هر وقت محبت ۾، سرمست غلام سارا
سهڻن جي غلامن جا، اظهار عجيب آهن

توقير مديني ۾ اعليٰ تي مهاجرن جي
انصار مديني جا، ايثار عجيب آهن

سردار سچي کي آ محبوب ادا بلالي
ايمان جي دولت جا آثار عجيب آهن

محبوب نبيءَ هوندي، ڪونهي ڪا خيال ڳڻتي
منٺار محمد ﷺ جا، اختيار عجيب آهن

14_5_2017

## نعت

محبوب جي صدقي قرآن مليو آ
مولا جي مهر سان ايمان مليو آ

درگور جا پئي تي، آباد سا ئي تي
انسان کي ڪامـل انسان مليو آ

بد خلق ڇا آهي؟ خوش خلق ڇا آهي؟
دنيا ۾ جيئڻ جو عنوان مليو آ

تعليم نبيءَ جي، تعظيم ڏني آ
نِـورِّت ۾ خدا جو عرفان مليو آ

محبوب وظيفو ۽ ورد صلوتون
بخشش جو اِهوئي سامان مليو آ

بدڪار بُرن ۽ بيڪار ٻندن جي
هر درد جو ڪتري درمان مليو آ

23-6-2017

## نعت

ڏسان مان مديني مِٺي جا مُنارا
گھرايو حبيبا! ڏسان مان نظارا

مديني ڏسڻ لئہ سڪان مان هتي تو
ٿئي آس پوري مِلن دل سُڪارا

اکين سان ڏسان شل! حبيبن جو روضو
زيارت ڪرائي، گھٽايو ڏُکارا

وٺن تازگي تا، جتي رُوحَ زخمي
وسن رحمتن جا جتي يار نارا

ملي جت شفاعت خطاڪار ڪي ٿي
ڪيا ربّ قرآن ۾ واضح اشارا

نہ ڪتري سوا مُصطفيٰ آ ڪنارو
ٿيا پرجھلو مون حبيبن سهارا

27_05_2016

## نعت

خيالن نہ خوابن، نہ هو ڪو گمان ۾
گهرايو مڪان ڪان، خدا لامڪان ۾

مليو مرتبو توکي سڀ ڪان مٿي آ
نہ ڪنهن جو مڪان ۾، نہ ڪنهن جو زمان ۾

ملين تون خدا سان، نہ ڪا هئي وڇوٽي
ٻڌڻ ۾ نہ آيو نہ ئي ڪو ڏيان ۾

سڙي خاڪ ٿيو تي، جلي ناس ٿيو تي
سڙڻ آ سزا دشمنن لئہ گيان ۾

نہ هو ۽ نہ ٿيندو حبيبن جان ڪتري
رکي حب جنهن سان خدا تو جهان ۾

04_05_2016

## نعت

خيالن نہ خوابن، نہ هو ڪو گمان ۾
گهرايو مڪان ڪان، خدا لامڪان ۾

مليو مرتبو توکي سڀ ڪان متي آ
نہ ڪنهن جو مڪان ۾، نہ ڪنهن جو زمان ۾

ملين تون خدا سان، نہ ڪا هئي وچوٽي
ٻڌڻ ۾ نہ آيو نہ ئي ڪو ڏيان ۾

سڙي خاڪ ويو تي، جلي ناس ويو تي
سڙڻ آ سزا دشمنن لئہ گيان ۾

نہ هو ۽ نہ تيندو حبيبن جان ڪتري
رکي حب جنهن سان خدا تو جهان ۾

04_05_2016

# نعت

سچڻ منهنجو سهڻو آهي سوا لک ۾
سندس جهڙو ڪو ٻيو ناهي سوا لک ۾

نبوت ۾ آهي سڀ کان اُتم اعليٰ
مڪان سڄڻن جو آهي سمجهہ کان بالا
خدا تو عرشن مٿ چاهي سوا لک ۾

ڪيو جنهن بت خاني کان پاڪ ڪعبي کي
نہ پوءِ آيو ويجهو ناپاڪ ڪعبي کي
ٻيجي ٻوريا سڀ بت ڍاهي سوا لک ۾

نوازي تو ڇڏيا عاصي پلڪ هڪ ۾
ڏنو تو رتبو اصحابي جهلڪ هڪ ۾
سُڪا سيئي واهڻ واهي سوا لک ۾

هدايت جا آهن سهڻا ستارا سڀ
نبيءَ کي هي آهن سهڻا پيارا سڀ
صحابي تو سڀ سنباهي سوا لک ۾

ولايت جا وارث والي ولي آهن
جني کي جيڪو ٿاهن پنجتن ٿاهن
تنهي پنجن کي ساراهي سوا لک ۾

مچندي محفل سهڻن جي امامت ۾
بچندو ڪتري امت سان قيامت ۾
نہ تو ڪنهن کي سهڻو ساهي سوا لک ۾

23_02_2016

## نعت

لَوۡلَاکَ لَمَا خَلَقۡتُ الۡاَفۡلَاکَ
آ نور خدا جو بشري پوشاڪ

سنسار جو روحُ آهي محبوب
تون مير مٽيءَ جو مر ٿيندين خاڪ

ڳجهه ڪوبہ رهيو نہ پوشيده راز
ويچار ۾ اڄ بہ آهن چالاڪ

آگر مان هو آب، جاري چشمن جان
تي ڪير ڪري انهيءَ جو ادراڪ

ڏي ربّ پيو ورهائي محبوب
تڏ ڪاءِ خيال، هر ڪو خوراڪ

25_07_2017

# نعت

مدينو مدينو سدا ساهہ ساري
مديني ڏي منهنجي خدا واڳ واري

مديني سوا ڪٿ نہ راحت ملي ٿي
ڪيو زندگي کي ڏکيو ڏاڍ ڏاري

ٻچن ساڻ آئون، گھمان شل! مدينو
پيو تو جيئان مان، ڏيئو آس ٻاري

خطاڪار سيئي پڄڻ جي اتي ڪن
ڇڏي زندگي جن گناهن ۾ گھاري

ملندي اتي ئي معافي سين کي
وَلَو اَنَّهُم سان تو غم درد ٽاري

پڄڻ ساڻ منهنجو وڃي ساهہُ نڪري
پرين جي ئي پاڙي ۾ الله ماري

ٿئي حاضريءَ جو عطا شرف ڪتري
وڃي دل کي پنهنجي مديني ۾ ٺاري

# پڙهہ صلواة سيّد تي

مڄ حڪم الاهي، پڙهہ صلواة سيّد تي
ملئي جيڪا بہ ساهي، پڙهہ صلواة سيّد تي

پرواز دعا جي آ، صلواة سيّد جي
مقبول آ ڪرائي التجا تہ بيحد تي
آ جا بہ تو چاهي، پڙهہ صلواة سيّد تي

مخلوق سڄي تي لازمي ڪيو آ رب
واري سان پرين تا حاضري ملائڪ سڀ
دربان سپاهي، پڙهہ صلواة سيّد تي

دل جنهن بہ لڳائي آ، بچائي زندگي آ
مسرور ٿيو آ پڻ، سجائي زندگي آ
آزردگي ڊاهي، پڙهہ صلواة سيّد تي

اوڏا نہ ڪڏهن تن ڪي اهنج ڪي آيا
جيڪي بہ رڙهي ويجهو درود ڪي آيا
خاڪ تي تباهي، پڙهہ صلواة سيّد تي

هر آن پڙهڻ سان تو وقار بالا تي
تو مان وڏي منهنجو ۽ شان اعليٰ تي
آ نِج خير خواهي، پڙهہ صلواة سَيِّد تي

سڀ مان ۽ مرتبو جو خيال جو آهي
فيضان درودن جي ڪمال جو آهي
ان زندگي ٿاهي، پڙهہ صلواة سيّد تي

# مناجات

يا خدا! تنهنجون عطائون تيون گهرجن
ساڀ تيڻ منهنجون دعائون تيون گهرجن

دل سچيءَ سان مان عبادت ڪريان تنهنجي
عاجزيءَ سان پُر ادائون تيون گهرجن

شل! محمد ﷺ جي محبت مچي من ۾
اي خدا! اهڙيون وفائون تيون گهرجن

نفس جي اصلاح، روشن ٿئي باطن
درد جو دارون دوائون تيون گهرجن

جانِ پنهنجي خلق تنهنجيءَ مٿان خرچان
سچ سنديون سائين! سخائون تيون گهرجن

ٿي عطا مون کي سعادت مديني جي
بس! مديني جون هوائون تيون گهرجن

ڪر خطائن کان خدا پاڪ ڪتريءَ کي
هر گهڙي تنهنجون رضائون تيون گهرجن

# مناجات

بندو بيڪار آهيان، گندو گناهگار آهيان
ڪر مولا بخش مون کي، ڏاڍو سياهڪار آهيان

تنهنجي رحمت وسيع تر، ويچار ڪان متي خدايا
ڏڪجان عصيان سمورا، آئون تہ شرمسار آهيان

هڪ پاسي نفس جون چالون، ٻيو خناس آ نهوڙيو
پنهنجو تون ئي ڪرم ڪر، ابليس جو شڪار آهيان

ڪس ۾ هر وقت آهيان، ڪائي ڪسر جي ڳالھ ناهي
ڪهڙو آ حال منهنجو بي حال آشڪار آهيان

بيحد ناياب تي ويو ڳولهي سڪون کي ڏنو مون
ڪانهي ڪائي سرهائي، ڏاڍو تہ دل فگار آهيان

آسون آهن هزارين تو ۾ "خيال" جون خدايا
تنهنجي وس اختياري، آئون بي اختيار آهيان

# دعا

ڪٽي هٿ دعا تو ڳهران يا خدايا
عطا ڪر جهان کي خوشي ڪا خدايا

ٻماڪن ڇڏيو آ سچو ملڪ ساڙي
پٽيو پاڙ تن جي دنيا مان خدايا

ڏني زندگي جا، ڪريو سرخرو سا
لهن دل مٿان داغ ڪارا خدايا

ڏيو ڪا هدايت، چڱا ڪم ڪريان مان
ٽِڙان ڪينَ رستي سڌي تان خدايا

علالت ڇڏيو آ مريضن کي ماري
ٿِيَن چاق بيمار سارا خدايا

ڪپايان عبادت ۾ ساري حياتي
ملي نياز نوڙت سدا لا خدايا

حبيبن جو صدقو ملي خوب ڪتري
عيان حال سارو ڳهران چا خدايا
14_11_2016

# سلام

يا حبيبِ ڪبريا توتي صلواتون لک سلام
يا نبي خيرالوريٰ توتي صلواتون لک سلام

ڪير آهي همسري تنهنجي ڪري، تون بي مثال
چنڊ تارن مان عيان آهي مٿا تنهنجو جمال
ڪوه ڪارو تي مٿو ويو ڦِي مبارڪ جو ڪمال
اي خدا جا دادلا، توتي صلواتون لک سلام

ڪل جهان تنهنجي ڪري پيدا ڪيو آهي جليل
روح ڪلِ مخلوق جو تون تو سوا هر ڪو عليل
تو چيو آهي خدا! بس مون مڃيو سو بي دليل
مالڪِ هر دوسريٰ توتي صلواتون لک سلام

جان ۾ جان تولئہ انبيائن جا امام
تا پڙهن توتي ملائڪ سڀ صلواتون ۽ سلام
جن بشر مخلوق ساري ورد تنهنجي ۾ دوام
مرحبا يا مُصطفيٰ توتي صلواتون لک سلام

تون اڃهو تون آسرو توکان سواءِ هر ڪو ملال
تو وسيلي تو ذري مان زر ڪري رب ذوالجلال
بي وسيلن جا وسيلا پاڻ پنهنجو ڪر خيال
تار بيڙو احمدا توتي صلواتون لک سلام

# تعارف

بشير احمد کتريءَ جو جنم 6 جون 1970ع ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ ٿيو. سنڌس تخلص "خيال" آهي. سنڌس تعليم بي.ايس.سي ۽ بي ايڊ آهي. سال 1990ع کان پرائمري اُستاد جي حيثيت سان ذميواريون سرانجام ڏيئي رهيو آهي ۽ هينئر پاڻ گورنمينٽ بوائز مين پرائمري اسڪول جو هيڊ ماسٽر آهي. منهنجو ساڻس تعلق مڃاڻ 1995ع کان آهي. پاڻ 1986ع ۾ "اداره گلشن ادب" ٽنڊو محمد خان سان لاڳاپيل هو. 1987ع ۾ "انجمن طلباءِ اسلام" ٽنڊو محمد خان ۾ خزانچيءَ جي حيثيت سان رهيو. پاڻ 1988ع کان وٺي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ لکندو پيو اچي. سال 1989ع ۾ "انجمن غلامان مصطفيٰ" ٽنڊو محمد خان ۾ خزانچي ٿي رهيو. پاڻ مٽياري شهر ۾ متحرڪ شاهه لطيف لائبريري سان پڻ 1984ع کان لڳ ڀڳ 2000ع تائين واڳيل رهيو. جنهن ۾ پاڻ آخري چند سالن تائين ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ ۾ ميمبر طور خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. 1998ع کان 2006ع تائين "ماهنامه ضياءِ اسلام" حيدرآباد جو نمائندو ٿي رهيو. سن 2006ع کان اڄ تائين "پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن" مٽياري جي صدر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. سن 2009ع کان اڄ تائين "ميلادِ مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم آرگنائيزيشن" مٽياري جي صدر جي حيثيت سان فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. ان ڪانسواءِ پاڻ 2017ع کان ٽماهي رسالو "احد احمد پاڻ ۾" جو مدير اعليٰ آهي مون ڪيس سدائين ديني جلسن ۽ مذهبي محفلن ۾ سرگرم ڏٺو آهي. لکڻ پڙهڻ جو ڏاڍو پيڙ آهي. منهنجو جڏهن ساڻس دوستاڻو لاڳاپو ٿيو ته ان وقت پاڻ هڪ نثر نويس هو. پاڻ ڪڏهن به ڪو احساس ڪونه ڏياريائين ته ڪيس ڪو شاعريءَ سان لڳاءُ آهي. پر ڪيس اُمالڪ شاعريءَ جو شوق جاڳيو. سنڌس گهڻو ٽڻو لاڙو نعت گوئيءَ ڏانهن آهي ۽ ٿوري وقت ۾ ئي ڪيترائي حمد ۽ مناجاتون، نعتون ۽ منقبتون لکي ڪتاب "ساراهه سچي سرور جي" جي نالي سان اسان جي آڏو آندو آهي. جنهن ۾ رڳو نعتن کي شامل ڪيو اٿس ۽ منقبتن لاءِ ڌار ڪتاب آڻڻ جو ارادو رکي ٿو. هن گلدستي مان سنڌس آقاءِ نامدار ۽ مدني تاجدار صلي الله عليه وآله وسلم جن سان عشق ۽ عقيدت، سِڪ ۽ محبت بکي رهي آهي. خيال کتريءَ جو هيءُ گلدستو سنڌي ادب جو سرمايو آهي. ان ڪانسواءِ "ذڪر پاڪ شاهه لولاڪ صلي الله عليه وآله وسلم" 2011ع، مولا علي ڪرم الله وجهه (سوال جواب)، حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه (سوال جواب)، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه (سوال جواب) سنڌس ڪتاب پڻ ڇپيل آهن. پاڻ ٻارڙن ۾ تقريري مقابلا ۽ ڪوئز پروگرام منعقد ڪري ڪامياب شاگردن ۾ انعام ۽ حصو وٺندڙ شاگردن جي حوصله افزائي لاءِ انعام تقسيم ڪندو رهندو آهي. شال پالڻهار سنڌس هيءُ خدمت پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي.

ڪٺي آئيو ڪتري، خوشبوءِ سندا خيال،<br>
ڪري ڇڏيائين ڪمال، هر ڪو آهي حيرت ۾

محبوب علي سمون<br>
مٽياري